**K O O N J**

Quarterly Sindhi Magazine

**ڪونج اَدبي ڊائجيسٽ**

सिंधी की त्रैमासिक पत्रिका

ڊائمنڊ جبلي واري حد پار ڪندڙ

سنڌي مخزن 1960-2020

**مي۽-جوُن 2020**

سال : 61 - پرچو : 3

هيُ پرچو : 60 روپيا

ڇپيندڙ : سُڌا آفسيٽ، اُلهاسنگر-3

فون : 0251-2560465

●

چندو : ساليانو 350/-

ٽي سال 1000/-

پنج سال 1500/-

Please draw the cheque
in favour of **"KOONJ"**

سمپادڪ :

**نند ڇڱاڻي**

*Address for Correspondence :*

**NAND CHHUGANI**

**(Editor)**

502, Manwani Mansion,
Gol Maidan,
Near Telephone Exchange,
Ulhasnagar - 1.
PIN Code : 421002

Tel. : 0251 - 2571605

Mobile : 9323120141

E-mail :
nnchhugani@rediffmail.com,
koonj@rediffmail.com,
koonj.chhugani@gmail.com

چندو - اِشتهارن جي رقم - هاڻ سڌو بئنڪ ۾ ڀريو.

**BANK OF BARODA - Ulhasnagar-2 - Main Branch**
**Current A/c. - " KOONJ "**
**Current A/c. No. : 04250200000602**
**RTGS / NEFT / IFSC Code : BARB0ULHASN**

Gul Hayat Institute

# ﴿ فهرست ﴾


| صفحو | رچناڪار | وشيہ |
|---|---|---|
| 3 | نند ڇٻاڻي | 1 .... سمپادڪيہ |
| 5 | جيا جادواڻي | 2 .... منظر (ڪهاڻي) |
| 14 | واسديو موهي | 3 .... چالِ (ڪهاڻي) |
| 24 | لال هرداساڻي | 4 .... سفر سنڌ جو |
| 28 | اَحمد سولنگي | 5 .... عبدالقادر جوڻيجو |
| 30 | اِمداد سولنگي | 6 .... مان هن کي چاچا چوندو آهيان |
| 33 | گوورڌن شرما 'گهايل' | 7 .... موتيرام ايس. رامواڻي |
| 35 | ڊاڪٽر غفور ميمڻ (سهيڙيندڙ: ايم. وِي. پيماڻي) | 8 .... جديد دؤر جي اَدب ۾ شهرت جي سچائي |
| 37 | ماهتاب محبوب | 9 .... ڪرونا |
| 38 | قاضي خادم | 10 . خان محمد پنهور |
| 41 | قاضي خادم | 11 . اَعليٰ اَداڪار - گوپ ڪملاڻي |
| 43 | ايسر سنگهہ بيدي | 12 . سنڌي ڀاشا |
| 45 | نند ڇٻاڻي | 13 . ڪتابي سمالوچنا / نئون ساهتيہ |
| 52 | واقفيت | 14 . ڍولڻ راهي |

15 . شاعري :

...... ساگر مشتاق / 29 ؛ ساحر راهو / 29 ؛ اَرجن چاولا / 36 ؛
..... ڍولڻ راهي / 53 ؛ واسديو موهي / 55 ؛ گوپ ڪمل / 55 ؛
..... هريش ڪرمچنداڻي / 55 ؛ موهن همٿاڻي / 56 ؛ مڪيش تلوڪاڻي / 56 ؛
..... نارِي لڇواڻي / 57 ؛ ڀڳوان نردوش / 57 ؛ ايس. جي. ڀاڳيا / 57 ؛
..... ڪنيو شيواڻي / 58 ؛ نيتا لالواڻي / 58 ؛ بلوُ چوئٿاڻي / 58 ؛
..... ڀڳوان ٻاٻاڻي 'بندو' / 59 ؛ عزيز گوپانگ / 59 ؛ ونيتا موٽلاني / 59 ؛
..... اَدل سومرو / 60 ؛ پريم پتافي / 61 ؛ بخشڻ مهراڻوي / 61 ؛
..... شهمير سُمرو / 61 ؛ جاويد شبير جاگهراڻي / 62 ؛ محمود اَياز / 62 ؛
..... سعيد حاوي / 62

16 . توهان جا خط : ........ 63

...... لال هرداساڻي / شيام سچانانداڻي / سريچند گرناڻي /
..... ڪرشڻ جينانند هيمراجاڻي / هري همٿاڻي / ايسر سنگهہ بيدي /
..... گوتم سمرات / ڍولڻ راهي / ديوي ناگراڻي


Gul Hayat Institute

سمپادڪيہ ...

# سَٽائو سفر

هيِ ٽيون ڀيرو سنڌ (٢٠١٩) - وڃي رهيو هوس. هاڻ من ۾ آس هئي. اِهو سفر نہ پر تيرٿ ياترا چوڻ ٺيڪ ٿيندو. ڪونج ڊائمنڊ جبلي اَنڪ جي مهورت جو پئي سوچيوسين، تہ هڪ ٻئي پنيان ٽي پئٽرنس رب جي راهہ تي روانا ٿي ويا. شري مورج منگهناڻي، هريش ميرچنداڻي ۽ رام ڄيٺملاڻي. دل لُڏي ويئي. اخبار ۾ رائپور شداڻي درٻار پاران سنڌ ياترا تي جٿي جو اَحوال هو. ڇهن شهرن حيات پتافي، ماٿيلو، سکر، خانپور مهر، ڏهرڪي ۽ ميرپور ماٿيلو، جتي شداڻي پنٿ جون وڏيون درٻاريون / ڏيرا آهن - اُتي سفر هو. مونکي سکر ساڌٻيلو دماغ ۾ اَٽڪي پيو. ڊائمنڊ جبلي اَنڪ جي مهورت لاءِ. تياري ڪيم. اَسانکي هِت ئي آگاهہ ڪيو ويو تہ درٻار کان ٻاهر شهر ۾ وڃڻ تي بندش آهي. منهنجو مقصد هڪ ئي وڃي رهيو ... ساڌٻيلي ۾ ڪونج ڊائمنڊ جبلي اَنڪ جو مهورت. پوني واري مسٽر ڀاڳيا معرفت سکر سنڌي اَدبي سنگت جو سُهڻو ساٿ مليو. ڊاڪٽر اَياز گل ۽ ڊاڪٽر اَدل سومرو بہ مهورت ۾ ٽِڪو ڀرو ورتو. ڊاڪٽر خادم منگي، اَدبي سنگت ۽ بندوبست لاءِ سرواڻ هو. پرم پوڄنيہ سنت شرومڻي ڊاڪٽر يڌشٽرلال - شداڻي درٻار رائپور وارن هٿان مهورت سُک سان ٿيو. آنند آيو. اَپار آنند ۾ پرجي ويس. سنتن آسيس ڪئي. مقصد برثواب ٿيو. آس پُڄِي.

تاج جويو - رڪيل مورائي - ڊاڪٽر ظلفقار سيال خاص ملاقات لاءِ آيا. ڊاڪٽر خادم منگي، ڊاڪٽر هريرام ڀاڳيا (پنو عاقل)، ڊاڪٽر گوبندرام ڪڪريجا (ميرپور ماٿيلو)، پريم پتافي، محمد پنهل ڏهر ۽ مسٽر بترا سان پريم ڀري گڏجاڻي رهي. ڪتابن جي ڏي-وٺ ٿي. ڪجهہ ڪتاب ضرور مليا پر هڪ ”گنج“ ۾ گنج ٿي ويا. ڍؤ ٿي ويو. پوليس جا بندش ضرور هئا پر ڏاڍائي ڪونہ هئي. نہ تہ هوند ڇٽنگ مان ڀنيت ڪرڻ تہ هنن جي ڏائي هٿ جو کيل آهي. ”ڪرونا“ جي بندشن ۾ گهر جي چؤديوارن اَندر هيِ وينو لکان. هن بندش لاءِ ڪنهن کي ڏوهہ ڏجي! سائين پيو رحم ڪري. ”ٿار ماتا ٿار، پنهنجي ٻچڙن کي ٿار ...“

---

ڀهريون ڀيرو ڪاڪا هري موٽواڻي - نند جويري ۽ نند ڇٻاڻي - ١٩٨٧ ۾ حيدرآباد جي لطيف آباد ۾ اَدي گلشن ٽالپر (هاڻ سرڳواسڻ) جا مهمان هئاسين. ماهتاب محبوب ۽ حميد سنڌي بہ سڏ پنڌ تي هئا. ٻنهي وٽ دعوت بہ جهلي هئيسين. سنڌ پرڪرما جو ذمو شؤڪت شورو جو هو. سڄيءَ سنڌ ۾ اَٿميو پيار - عزت - مانُ سنمانُ پائي آياسين. اِهو سڀ ڪونج واري ڪاڪا هري موٽواڻيءَ بدؤلت رهيو. سڄي سنڌ ڪيس سُڃاڻندي هئي. ڪاڪا جي پوڪي راهي اَسان لُٽي آياسين. خان محمد پنوهر (هاڻ سرڳواسي) جنهن جو ذڪر هتي اَندرين صفحن ۾ آهي، پنهنجي گاڏيءَ ۾ گنبت - لاڙڪاڻو - شڪارپور - هالاڻي - مورو - قنبر - شهدادڪوٽ وغيره وٺي هليو. نند جويري شڪارپور ڍؤ تي ڏٺي. مان هالاڻي درٻار



Gul Hayat Institute

مان وڏڙن کان آسيس وٺي آيس. هري موٽواڻي نوان تڪ مان چرڻ جي نہ پيو ڪري. پنهنجي ملڪ جي مٽيءَ کان مٿي پلا ٻيو ڇا آهي! خان محمد پنوهر اُنهن ڏينهن روشن تارا تعليم سان جڙيل هو. هرهنڌ سندس قرب ۾ ڪنل سڄڻن قربت ۾ وهنجاري ڇڏيو. درويش صفت اِنسان هو. اَڄ بہ ساڻس ڪيل مسافري وساري نہ سگهيا آهيون. سنڌ جي اُن سفر ۾ ڪوڙ سارا ڪتاب مليا. ڪجھ خريد بہ ڪياسين. اَدبي بورڊ ۽ سنڌالاجيءَ وارن ڪتاب سوکڙيءَ طور بہ ڏنا. سنڌالاجيءَ ۾ اُن وقت مئدم ماهتاب اَڪبر راشدي ڊئريڪٽر هئي. سندس آجياڻو وسرڻ جو نہ آهي. عبدلقادر جوڻيجو (مرحوم) ڊپٽي ڊئريڪٽر هو. هو صاحب ڪيترن هنڌ پاڻ هليو. سندس ملاقات لاپدائڪ رهي. سندس مشڪندڙ مهانڊو سڄي سنڌ لاءِ راحت پريو رهيو. سندس پاڪستان ٽي.وي. تان ڏيکاريل ناٽڪ جڳ مشهور رهيا. ٻيو سڄڻ سنڌالاجيءَ ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ گڏيو. پنهنجي آفيس ۾ سڄو فائيلن سان گهيريو وينو هو. جيئن هاڻ پنهنجي گل حيات اِنسٽيٽيوٽ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ساڻس اَڄ سوڌو واٽس اَپ، فيس بوڪ وارو ڳنڍ سلامت آهي.

هن سفر ۾ ڪراچيءَ ۾ ساهتڪار - اَديب ۽ وڪيل نورالدين سرڪيءَ جي ڊفينس واري گهر ۾ دعوت هئي. ٻيا بہ اَديب آيل هئا پر هاڻ مونکي فقط سراج الحق - اَچي وڃي ۾، وات ۾ چروٽ (هاڻ مرحوم) ياد آهي. سندس رعبدار پرسنلٽيءَ واري جواني ڏسي پڇي وينس تہ سائين، ١٩٦٤ وارو ’سنڌي ٻولي‘ اِن ننڍي عمر ۾ ڪيئن لکي سگهيا! سندس شاندار مشڪ دل تي اُڪريل آهي. ڪراچيءَ ۾ اَسان ڊفينس ايراضيءَ ۾ ڄاموٽ صاحب جي عاليشان بنگلي تي لٿل هئاسين. سندس ڏنڍي واپار جي خيال کان ڳوٺ حيدري ۾ رهائش هئي. اُتي ساموڊي ڪنارو سندن آهي. اُنهن سان وڏي ٻيڙيءَ ۾ سمنڊ اَندر - ڇگو اَندر ٻيٽاريءَ تي دعوت سرمايو رهندي. ڄاموٽ صاحب هاڻ تازو ٢٠١٨ ۾ سنساري سفر پورو ڪيو.

سنڌ جو ٻيون نمبر سفر ٢٠٠٥ - ڪاڪا هري موٽواڻي - هيرو ٺڪر ۽ نند ڇٻاڻي - حيدرآباد - قاسم آباد ۾ نواب بشير خان جي بنگلي تي رهياسين. نواب بشير خان مهمانوازيءَ جا سڀ فرض پاليا. ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏيائون. آدر ڀاءُ ڪندي خوش پيا ٿيندا هئا. سندس سؤٽ منظور حسين ان کان بہ رتيون وڌيڪ. سنڌالاجيءَ ۾ ڊئڪريٽر شوڪت شورو رهيو. شاہ لطيف جي عرس جو موقعو هو. ڪلچرل منسٽر مسٽر قائمخاني ۽ سيڪريٽري ماهتاب اَڪبر راشدي هند مان آيل مهمان جو درجو ڏنو. وڏي شان شوڪت سان فنڪشن ۾ پاڳ ورتوسين. سنڌالاجيءَ ۾ سيني ساهتڪارن سان گڏجاڻيءَ لاءِ شوڪت شورو صاحب کي اَڄ بہ سلام!

**✍ نند ڇٻاڻي**

12 ميءِ 2020 (اَڄ کان ڳاڏيون هليون)

(پُٺي)



Gul Hayat Institute

كهاڻي

# منظر

✍ جيا جادواڻي

”ٻُڌ ... مانيِ تيار آهي؟“

”جيِ.“

”ڪوسو پاڻي رکيو اَٿئي باٿروم ۾؟“

”جيِ.“

”خميس کي بٽڻ ٽاڪيو اَٿئي؟“

”جيِ.“

”پريس به ڪري ڇڏ.“

”جيِ.“

”ٽِفن جلدي ٺاهه، آفيس کي دير ٿي ٿئي.“

”ٺاهيان ٿيِ.“

”روهت کي اَڄ اِسڪول تون ڇڏجانءِ، مان جلدي ۾ آهيان.“

”جيِ.“

”رنجوءَ کي ڊاڪٽر کي به ڏيکارجانءِ، ٿي سگهي ٿو مان شام جو دير سان اَچان.“

”جيِ.“

”منهنجيِ بئگ تيار آهي؟“

”جيِ.“

”هيءَ شيلف ايتري ميري ڇو آهي؟ ڇا ڪندي آهين تون سڄو ڏينهن گهر ۾؟ ڪجهه پُڇندو به اَٿئي؟“

”ايندڙ سنڊي تي دوستن کي پارٽي ٿو ڏيان ... سنڀالي وٺندينءَ؟“

”جيِ.“

”ڏِس وريِ نه ڇئجانءِ ته ...“

”نه ڇوندس.“

”مينوُ مان تيار ڪري ڏيندوسانءِ.“

”اَڇا.“

Gul Hayat Institute

”ڪو نؤڪر ڪپيئي تہ مان آفيس مان چپراسيءَ کي ...“

”نہ، مان ڪري وٺنديس.“

”چڱو مان هلان ٿو. صفائي ڪري وٺجانءِ.“

..... ..... .....

”مِسٽر بجاج، پارٽي تہ ڏاڍي شاندار هئي. سچ طبعيت باغ باغ ٿي ويئي.“

”ٿئنڪ يو.“

”ڪنهن ڪيا ايترا اَرينجمينٽ.“

”اَسان پِنهين.“

”سچِي؟ خوب آهيو توهان ... چا تہ اَرينجمينٽس هئا؟ مزو اَچي ويو. اَڄ پيتي بہ گهڻي آهي يار دوستن ... وري ڪڏهن ٿيندي اَهڙي پارٽي؟“

”جڏهن توهان چوندا.“

”مسز بجاج ڏسڻ ۾ نٿي اَچي. ڪيس بہ تہ واڌايون ڏيون.“

”هوندي اِتي ئي ڪٿي.“

”چڱو چئنجانس اَسان پاران ... سچ پچ ڪيترو ڪم ڪري وٺندي آهي ڀاڀِي. منهنجي گهر واري تہ ... چڱو. گُڊ نائيٽ.“

”گُڊ نائيٽ سر، ٿئنڪ يو.“

”چڱو، مسٽر بجاج، اَسان کي بہ موڪل ڏيو. اَڄ تہ صحيح سلامت پنهنجي گهر وڃون. اِهو ئي گهڻو آهي ...“

”چڱو سائين. ٿئنڪ يو ويري مچ فار ڪمنگ.“

”نہ ... نہ مسٽر بجاج، اَڄ تہ اَسان نہ اَچون ها تہ ڪجهہ گهٽجي وڃي ها ... توهانجي وائيف ڪٿي آهي ... ڏسڻ ۾ نٿي اَچي؟“

”هوندي پنهنجي ساهيڙيءَ سان گڏ.“

”توهانکي پارٽيءَ ۾ اَڪيلو ڇڏي؟ فلرٽ ڪرڻ جو پورو موقعو ڏئي.“

”توهين مذاق ٿا ڪيو. مون تہ توهانکي ڇُهيو بہ ڪونہ.“

”ڇو نہ ڇُهيُوَ؟“

”توهانجي ناراضگيءَ جي ڀَوَ ڪان.“

Gul Hayat Institute

”مسٽر بجاج! ڏيري ڏيري نہ هلندا ڪيو. جيون اَڳتي نڪري ويندُوَ.“

..... ..... .....

”ڇا ٿي ڪرين؟“

”پڙهان ٿي.“

”پڙ...ها...ن...ٿي...ڇو؟“

”پڙهڻ ضروري آهي اِنڪري ... توهان ئي تہ چوندا آهيو گهٽ پڙهيل زالون بيڪار ۽ بور ٿينديون آهن. هنن سان نہ سماج ۾ عزت وڌندي آهي، نہ رُتبو. زال هجي تہ مِسز چنداڻيءَ جهڙي، جيڪا هر پارٽيءَ ۾ ڪيترو نہ شاندار نچندي آهي.“

”او ... هو ... تہ اِها ڳالهہ آهي؟ ٿي وينديءَ هُن جهڙي؟“

”ڪوشش ڪيان ٿي.“

”ڪتاب پڙهڻ سان؟“

”نہ صرف ڪتاب پڙهڻ سان نہ، ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي.“

”ڪوشش ڪندي رهہ ... شايد ڪامياب ٿي وڃين. وڃ ٻئي ڪمري ۾ وڃي پڙهہ، مونکي ننڊ ٿي اَچي.“

..... ..... .....

”سنو ٿي نچين تون. ڪٿان سِکِي آهين؟“

”بس، سِکِي ورتو.“

”منهنجي لاءِ؟“

”توهانجي لاءِ ڇو؟ هر اِنسان صرف پنهنجي لاءِ نچندو آهي ... ٻين کي ضرور لڳندو آهي تہ هوُ هُن لاءِ ٿو نچي.“

”او هو، ڪٿان سِکينءَ؟“

”زندگيءَ کان.“

”ٻُڌو آهي ڪنهن نوڪريءَ جي چڪر ۾ بہ آهين.“

”ها آهيان تہ سهين.“

”تون ۽ نوڪري؟ ڀڄائي ڇڏينداءِ اَگر ڪنهن اِنٽرويوءَ ۾ وئينءَ تہ.“



Gul Hayat Institute

”پڇائي ڇڏيندا ته ڪنهن ٻي جڳهه ڪوشش ڪندس ...“

”چڱو ڪندي رهه.“

..... ..... .....

”هي نئين نئين فئشن جا ڪپڙا ڪيئن پائڻ شروع ڪري ڇڏيا اَٿئي؟“

”ڇو؟ توهانکي ته پسند آهن. توهان ئي ته چوندا آهيو مِسز ڪمل هميشه ...“

”ها ... ها ... ٺيڪ آهي ... مسٽر ڪمل اَمير ماڻهو آهي. تون پنهنجي مٿان اِئين پئسا نٿي لُٽائي سگهين ... ۽ مِسز ڪمل جي ته ڳالهه ئي ٻي آهي ... تون هن وانگر اَگر ٿي وڃين ته ...“

”جيڪڏهن ٿيان ... توهانکي سٺو لڳندو؟“

”منهنجو اَهڙو نصيب ڪٿي؟ مان ته جڏهن سڏ ڪندو آهيان ... هٿ لڳل هٿ ئي ملندا آهن.“

”اَڇا، ماڻهن سان هٿ ملائڻ ڪيڏو نه سٺو لڳندو آهي ...“

”ها، لڳندو آهي، پر عورتن کي ... اَسان ته هٿ ملائيندي ٿڪجي پوندا آهيون.“

”۽ اُن جي لاءِ ضروري آهي هٿ ۾ هٿ نه لڳل هجي. هٿ صاف سٿرا هجن ... نرم ملايم ۽ خوبصورت ...“

”بلڪل.“

”۽ اِن جي لاءِ ضروري آهي گهر جي ڪمن کان پاڻ کي فارغ رکڻ.“

”ها ... پر ...“

”اُن جي لاءِ ضروري آهي هڪ نوڪر رکڻ.“

”ها ... پر ...“

”مون رکي ڇڏيو آهي.“

..... ..... .....

”اَڄ مان به هلندس توهان سان گڏ مسٽر تولاڻيءَ جي پارٽيءَ ۾.“

”تون! ڇو؟ اِن کان پهرين ته نه چوندي هئينءَ.“



Gul Hayat Institute

’’پهرين مونکي اُهو سڀ نہ ايندو هو جيڪو اَڄ تو اَچي ... مثلن ڊانس، ميوزڪ جي سمجهہ، خوبصورت تراشيل نَنهَنِ وارا نرم نازڪ هٿ، ڏنش جهڙو جسم، سنا قيمتي ڪپڙا، هاءِ، هيلو، آءِ ايم ساري واري زندگي ...‘‘

’’هاڻي نمائش جو اِرادو اَٿئي ...؟‘‘

’’نہ، نمائش نہ، پاڻ کي سُڃاڻڻ جو ۽ توهانکي بہ ... پوءِ توهانکي تہ خوش ٿيڻ کپي ... اِهو ئي تہ ڪپندو هو توهانکي ...؟‘‘

’’مونکي؟ مونکي ڪپندو هو؟‘‘

’’ها، توکي ... تون ئي تہ چوندو هئين.‘‘

’’اَڇا ... اَڇا ... نيڪ آهہ ... هل ... هاڻي ...‘‘

..... ..... .....

’’اَڙي مِسز بجاج ... توهان تہ سڄا بدلجي ويا آهيو ... مسٽر بجاج جو تہ ڪمال نٿو ٿي سگهي هيءُ ... آخر راز ڪهڙو آهي؟‘‘

’’ڪجهہ نہ ... بس مان جيئڻ سِکي ويئي آهيان ...‘‘

’’جيئڻ تہ اَڄ اَسان توکي سيکارينداسين مسز بجاج ...‘‘

’’منهنجو نالو ماڌوي آهي ...‘‘

’’او ... هو ... ماڌوي جي، اَچو مونسان گڏ ... مسٽر بجاج اَسين وٺي وڃون هِن کي پاڻ سان ...‘‘

’’ها ... ها ... ضرور ... پر منهنجي لاءِ؟‘‘

’’اُن جو بہ بندوبست ڪيون ٿا.‘‘

..... ..... .....

’’ڪهڙو نہ خوبصورت نچو ٿا توهان؟‘‘

’’ٿئنڪس.‘‘

’’ڪيترو جادوئي بدلاءُ آهي؟ اَسان سوچي نٿا سگهون تہ هن سادگيءَ جي اَندر ايتري بيوٽِي لِڪل هئي ...‘‘

’’ڪوبہ نٿو سوچي سگهي، ڪنهنجي پنيان ڇا لِڪل آهي؟‘‘

’’واہ، ڇا ڳالهہ ڇيَوَ؟‘‘

’’فلاسافي؟ توهان فلاسافي پڙهي آهي؟‘‘

’’ها.‘‘



Gul Hayat Institute

’’ايترو سُهڻو ٿا نچو توهان، مونکي يقين آهي هن فِلور جي سيني ڪان سٺو جوڙو اَسان ئي آهيون.‘‘
’’اِهو توهانجو پرسنل سوچ آهي.‘‘
’’توهانکي نٿو لڳي اِئين؟‘‘
’’نہ، مونکي تہ لڳي ٿو توهان ڪِرو پيا ٿا منهنجي مٿان ... ٿورو ٺيڪ سان هلايو پنهنجا پير.‘‘
’’او ماءِ گاڊ! ... هيءَ اَدا آهي يا نردئتا؟‘‘
’’سچائي ...‘‘
’’اَسانکي هر وقت سچائيءَ جي ضرورت نہ پوندي آهي. مِسز ... ساري ماڏوي جي ...‘‘
’’پوندي آهي مسٽر ملاڻي ... اَسان نہ چاهِ ڇو هر وقت ڪوڙ ڳالهائيندا رهندا آهيون ...‘‘
’’ايترو سچ توهان پنهنجي نجي زندگيءَ ۾ بہ ڳالهائيندا آهيو؟‘‘
’’پوءِ تہ سمجهو ... ويئي.‘‘
’’ڇا؟‘‘
’’زندگي.‘‘

..... ..... .....

’’توهان تہ ٻن پيگن ۾ ئي لڙکڙائڻ لڳا ماڏوي ...‘‘
’’جي ... ماڏوي جي ...‘‘
’’ها ... ها ... ساري ماڏوي جي ...‘‘
’’اَڄ مون پهريون دفعو پيتي آهي ...‘‘
’’اَڄ پهريون دفعو گهٽيئي ئي ڪم ڪيا هوندوَ ...‘‘
’’ها ... پهريون دفعو ...‘‘
’’آر يو هئپي؟ ...‘‘
’’ويري مچ ... اَڄ مان پنهنجي پڃري مان نڪري ڪليل آسمان ۾ اَچي ويئي آهيان ... پنهنجي ماضيءَ ... پنهنجي سنسڪارن جو پڃرو ڇڏي ... ۽ اُڏڻ ڪيترو نہ اَديت آهي.‘‘
’’ها ... پر موتي اَڇجو جلد ئي ...‘‘

Gul Hayat Institute

”هڪ ڳالهه چوان؟“

”ضرور ...“

”توهان سوچيندا آهيو پکي اُڏڻ به سگهي ٿو ۽ واپس پڃري ۾ به موٽي اَچي، ته توهان غلط ٿا سوچيو ... هڪ ڀيرو اُڏڻ سکي وڃڻ کانپوءِ ته پورو آسمان آهي ... هو واپس پڃري ۾ ڇو ايندو؟“

”ڪوئي ٻاهر به ڪيترا ڏينهن رهندو؟“

”ڪيترا به ... جيون پنهنجو آهي، ته ڪجهه پل به گهڻا آهن. نه ته جيئندو رهه سال در سال ... ڪهڙو فرق ٿو پوي؟“

”اَسان به موٽندا آهيون پنهنجي پڃري ۾ ۽ سڄي رات توهان اَسانکي غلام ٿاهي رکنديون آهيو ...“

”نه ...، توهان پڃري ۾ نه موٽندا آهيو ... شاخ تي اَچي ويهندا آهيو ... ڪنهن ٻي اُڏام لاءِ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ ... توهانجي لاءِ ڪجهه به بينڌل ناهي ... جيون روز نئون وهڪرو ... اَسانجي لاءِ تلاءَ جو سڙيل پاڻي ... مسٽر ... جيون جي خوبصورتي جهرڻي وانگر ٽٽي ڪري ڪِرڻ ۽ ٻِکرڻ ۾ آهي ... باقي ته محض پاڻيءَ جو ڦهلاءُ ئي آهي ...“

”ماءِ گاڊ! توهان اَهڙيون ڳالهيون مسٽر بجاج سان به ڪندا آهيو؟“

”نه ...، صرف پاڻ سان.“

”مسٽر بجاج ڪي ڏنو توهان؟“

”نه ...“

”ڪنهن خوبصورت جهرڪيءَ سان ٿا نچن.“

”ته ...“

”ته ... ڪجهه نه؟“

Gul Hayat Institute

”نه ... مان جو توهان سان نچان ٿي ... پنهنجيءَ طرح جيئڻ جو حق ته سيني کي آهي ... ۽ توهانکي ڇا لڳندو آهي ... هي پارٽيون ... هي نچڻ ڳائڻ ... هي ميوزڪ ... ڪوئي زندگيءَ جو مزو ڪرڻ لاءِ آهي؟ دراَصل مسٽر ... اَسان سيني کان زندگي گم ٿي ويئي آهي ... ۽ اَسان سڀ ڳولهيون پيا ٿا ... مرد عورت کي ٿو ڳولهي ... پرفيڪٽ

”تون سوچيندو آهين؟ پهرين ڪڏهن سوچيئہ؟ هر ماڻهو صرف پنهنجي دنيا ۾ ئي جيئندو آهي مسٽر بجاج ... زال ... مڙس ... ٻار ... اَسان ملڻ جو ناٽڪ ضرور ڪندا آهيون ... ملندا ناهيون ڪڏهن ... اَسانجي دنيا روز روز ٽڪرائيندي آهي هڪ ٻئي جي دنيا سان ... ملڻ تہ ناممڪن آهي.“

”ڏاڍو گهمنڊ ٿي ويو آهي توکي پنهنجي فِلاسافيءَ تي؟ وڏيڪ بڪواس ڪيئہ تہ هٿ پير ٻڌي گهر ويهاري ڇڏيندوسانءِ.“

”ڪوشش ڪري ڏسجانءِ.“

”.....“

”مونکي نوڪري ملي ويئي آهي.“

”اَڇا ... تہ ...“

”مان وڃان ٿي ...“

”ڪيڏانهن ...؟“

”رهڻ جو بندوبست بہ ڪري ورتو آهي.“

”اَڇا ... هڪ مرد جو بندوبست بہ ڪري ورتو هوندءِ؟“

”نہ ... نو نيڊ ... هڪ ايڪسپيرينس ئي ڪافي آهي.“

”ڏس وڏيڪ بڪواس نہ ڪر ... نہ تہ ...“

”بڪواس نہ ... مان وڃان ٿي پنهنجي مرضيءَ سان سڀ ڇڏي.“

”سڀ ڇڏي؟ سوچي وٺ ... موٽي نہ اَچجانءِ ... هڪ ڀيرو وئينءَ تہ ....“

”هڪ ڳالهہ چوانءِ ... ڪٿيل عورت ڪڏهن گهر نٿي موٽي سگهي ... اَسان جي سماج ۾ گهر هڪ راحت جو ساه ڪڍڻ جي جڳهہ نہ پر نہ ڄاڻ ڪيترين ڏُوڏائن ... مشڪلاتن ... چنتائن ... پريشانين ... ڪنناين ... تڪليفن ۽ ڳوڙهن جو عجائب گهر آهي. هيءَ پيرن جي هڪ اَهڙي زنجير آهي، جنهن کان هڪ ڀيرو ڇٽڻ ڪانپوءِ ڪوبہ واپس نہ اَچڻ چاهيندو ... هِتي صرف هارايل عورتون پناه وٺنديون آهن ... چو جو اِن ڪانسواءِ هو ڪيڏانهن وينديون؟“

ڪهاڻي

# چالي

واسديو موهي

چاليءَ ۾ ڪجهه ڏينهَن کان نڀگيندڙ سانت آهي. چالي پنهنجي گوڙيلي ماحول تي هِريل هوندي آهي. ڪوئي ڪنهنڪي سڏ بہ ڪندو تہ لڳندو دور کان آواز ڏيئي رهيو آهي، جڏهن تہ سڏ ڪندڙ ۽ سڏجندڙ شخص جي وچ ۾ مشڪل سان ڪِن ٿورن فوٽن جو فاصلو هوندو آهي. جُنيد، ذرا پاڙيءَ جي بالٽي تہ ڪٽي اچ، اِهو رُخسانا ٻِيبيءَ جو روز جو واڪو هوندو آهي، نِثار، اجا غسل بہ ڪونہ ڪيو اٿئي، اِسڪول وڃڻ جو اِرادو آهي يا نہ، رحمان جِي روز جِي رڙ هوندي آهي، شڪيل اِسڪوُٽر کي چالو ڪرڻ لاءِ بار بار ڪِڪون پيو هڻندو آهي، پر هُنجو اِسڪوٽر تڏهن ئي چالو ٿيندو آهي جڏهن پُنيان کان ڪوئي ڌِڪو ڏئي، شڪيل جا، چالي جي ٽيٽين کي زور زور سان سڏ بہ گونجندا آهن، ٽيٽيا اچي اِسڪوٽر کي ڌِڪو ڏيندا آهن ۽ اِسڪوٽر گهَرگهَر ڪندي اِسٽارٽ ٿيندو آهي، شڪيل ايڪسيلريٽر گهُمائي زور سان زوُن زوُن ڪندو آهي. چاليءَ جي ٻارن شڪيل جي اِسڪوُٽر جِي هڪ راند بہ ٺاهي ڇڏي آهي. هڪڙو ٻار اِسڪوٽر جي گهَرگهَر جو آواز ڪندو آهي، پوءِ هڪ ٻار کي اڳيان ڌِڪيندي بہ ٽي ٻار وڏندي وڏندي زوُن زوُن جو آواز ڪندا آهن. ٻارن جي لاءِ هڪ راند وڏي ويئي آهي. ڪڏهن ناصر جا خوش آواز بہ ٻُڌبا آهن. هوُ آٽو رِڪشا هلائيندو آهي. جڏهن جڏهن گهر واپس اچڻ وقت هُنکي گهر پاسي ايندڙ ڪا سواري ملندي آهي تہ هو اُن ڏينهن ڳالهہ ۾ خوش ٿيندو آهي، ٺهڪ ڏيندو آهي. هي سڀ آواز چاليءَ جِي هوا ۾ ترندا رهندا آهن. ٻڪرين جي مين مين ۽ ڪُڪڙن يا مُرغين جا آواز تہ ڄڻ ٻُڌبا ئي ڪونہ هئا. حالانڪ هوا ۾ موجود تہ اُهي بہ هوندا آهن. پر هاڻي غضب جِي سانت آهي. شاهہ صاحب بستري داخل آهي. اِئين تہ ڪيترن ڏينهن کان شاهہ صاحب جِي طبيعت ناساز هلي رهي آهي، ڊاڪٽرن سان گڏوگڏ حڪيمن، هوميوپٿي وئدن جو بہ علاج جاري آهي، پر شاهہ صاحب جئن پوءِ تئن ڪمزور ٿيندا رهيا آهن. مٿان وري هڪ وڏي ٽينشن جِي ڳالهہ بہ پيدا ٿي آهي. حيدرآباد مان شاهہ صاحب جو ڪو دوُر جو سؤٽ ٻهرام خان

آيو آهي. هُن جِي دعوىٰ آهي، شاهه صاحب ڪانپوءِ هُن جِي جائداد جو هوُ اڪيلو وارث آهي، هيترا سال ته هو ڪڏهن چاليءَ ۾ يا شاهه صاحب جي شاهي بنگلي ۾ نظر ڪونه آيو هو. هوُ ڪيترن ڊيوَلپرن/ بلڊرن سان رابطي ۾ آهي. شاهه صاحب جي بنگلي ۾ به ٽي ڪاري ڪوٽ وارا شخص به ايندا ويندا رهيا آهن. اڳ ڪڏهن شاهه صاحب جي گهر ڪنهن وڪيل ڪي ڏٺو نه ويو هو. بهرام خان ڪي صرف شاهه صاحب جي موڪلائڻ جو اِنتظار آهي. تنهن ڪانپوءِ هوُ چاليءَ ڪي ڍهرائي زمين دوز ڪندو، شاهه صاحب جِي ڪيترن ئي ايڪڙن ۾ ڦهليل زمين تي ڊيولپرن/ بلڊرن سان مِلي ملٽِي اِسٽوري بلڊنگون ٺهرائيندو، سيڪڙو فلئٽن جِي اِسڪيم آهي. چاليءَ وارن ڪي چنتا آهي ته چاليءَ جي اَٽڪل به سؤ مڪانن ۾ رهندڙن جو ڇا ٿيندو. شاهه صاحب ته هُنن وٽ ڪڏهن مسواڙ وٺڻ ڪونه ايندو آهي، چاليءَ وارا خود ئي پنهنجي جوابداريءَ ڪي سمجهندي شاهه صاحب جي مُنشيءَ وٽ ڀاڙو جمع ڪرائي ڇڏيندا آهن. ڀاڙو به ڇا هو. چاليهه پنجاهه، سؤ، سوا سؤ روپيه. چاليءَ وارا ڄڻ مفت ۾ رهيا پيا هئا. شاهه صاحب هُنن ڪي گهر جي ڪنهن وڏي جيان لڳندو آهي. شاهه صاحب جي ڏاڏي هيءَ زمين خريد ڪري کيتي ڪرڻ شروع ڪئي هئي. اُن وقت هيءَ احمدآباد جِي رامول  ايراضي جهنگل لڳندي هئي. هُن ئي ڏيري ڏيري غريبن لاءِ ننڍن ڪمرن واري چالي ٺهرائي هئي، جيڪا هاڻي هڪ وڏي بستيءَ ۾ تبديل ٿي ويئي آهي. ڏيري ڏيري آسپاس جي ايراضي به وسندي ويئي آهي. جهنگل هاڻي جهنگل نه رهيو هو، شهر جو حصو ٿي ويو هو. شاهه صاحب جي ڏاڏي ڪان وٺي چاليءَ جي ماڻهن ڪڏهن ڪا تڪليف محسوس نه ڪئي آهي. هر مُصيبت وقت بنگلي جا شاهي دِل وارا هُنن جي پاسي ۾ بيٺل ملندا هئا.

شاهه صاحب جي والد جي وقت ۾ اڪال پيو هو. اڪال جو واسطو صرف هارين سان ڪٿي هوندو آهي! چاليءَ جي هر گهر ۾ اُنجو اثر نظر آيو هو. چُلهيون ٺڏيون ٿي ويون هُيون. اُن وقت والد صاحب پنهنجا گودام کولي ڇڏيا، خاطري ڪيائين ته چاليءَ جو ڪو به واسي بکيو نه سُمهي. چالي واسين ڪي ڪم به ڏنائين. دور دور تائين ڦهليل پنهنجي زمين تي ڪيترا کوهه کوٽايائين. چالي وارن ڪي پاڻيءَ جي تنگي ٿيڻ نه ڏنائين ته ڪيتن ڪي به پياسو ڪونه رکيائين. شاهه صاحب جي وقت ۾ وري هندو مُسلم فساد ٿيا



Gul Hayat Institute

هئا، اُن وقت شاهه صاحب وڏا تنبو لڳارائي شرڻارٿين کي پناهه ڏني هئي، پوءِ ڏيري ڏيري اُنهن شرڻارٿين جا بہ گهر چاليءَ ۾ ٺهي ويا، چاليءَ جا گهر ڀيٽا ٿي ويا.

شاهه صاحب جي وڏن کان وٺي رمضان جي 26 رات جِي سحرِي بنگلي تي ئي ٿيندي آهي. مٽن ۽ چِکن جي خليا جون ڪيتريون ئي ديڳيون چڙهنديون آهن. گڏ ماندي روٽيءَ جا ڇوٽا هوندا آهن. اُن رات گهڻو ڪري روزو رکندڙ سُمهندا ڪونهن. پاڪ رمضان جي اُن فجر جو سوَن ۾، بنگلي تي پهچندا آهن ۽ گڏجي سحري ڪندا آهن. بنگلي جي رهاڪن لاءِ اُهو ڏينهن وڏي سُڪُون ۽ مُسرَت جو ڏينهن هوندو آهي، گهِري ياونا سان الله جو شڪرانو مجيندا آهن.

چاليءَ جا واسي بلڪل سليقي سان مِٺ محبت ۾ ڪِلندا ٽڙندا پيا آهن، هڪ ٻئي جِي مدد لاءِ آماده رهندا آهن، پر اُن ڏينهن وڏو گوڙ مچي ويو. اَسلم جِي ڏيءُ رشيدا رحمان جي وڏي فرزند حُسين سان هلي ويئي هئي. اَسلم پنهنجي ليڪي موبائيل تي خوب ڪوششون ڪري رهيو هو تہ رشيدا جو ڪانٽئڪٽ ٿئي، پر رشيدا جو فون سُئچ آف هو. رحمان بہ حُسين سان رابطو قائم ڪرڻ لاءِ هڻ پٽ ڪري رهيو هو پر حُسين فون ڪٽي نہ رهيو هو. رشيدا ۽ حُسين ٻنهي کي گڏ چاليءَ جي ڪِن شخص ڏٺو هو، اِها پڪ هئي تہ ڪٿي نہ ڪٿي هو لِڪل آهن. اَسلم اُنهن ڏينهن ۾ وڏو راوڻ ناهي رهيو هو. هر دسهڙي تي اَسلم ۽ چاليءَ جا ٻيا ڪيترائي رهواسي راوڻ، ڪُنيڪرڻ ۽ ميگهناد جا شاهي پُتلا ناهيندا آهن، اُنهن ۾ وڏا وڏا بم ڦِٽ ڪندا آهن، ڪمائي سُٺي ٿيندي آهي. ڪي وري ننڍڙا ننڍڙا ڦٽاڪڙا ناهيندا آهن، چٽڪائي تيليون، ڦِرڪيون، ڪونيون، وغيره ڪجهه اهڙا ئي ننڍا ڦٽاڪا. اَسلم وڏن بمن جي گوُڻ رحمان جي گهر اڳيان خالي ڪندي جوش ۾ واڪو ڪيو، هي سڄو گهر اُڏائي ڇڏيندس، اگر منهنجي ڇوڪري واپس نہ آندءِ! رحمان بہ جوش ۾ اچي ويو. اِنهن سوُسڙين سان مونکي نہ ڏڪاءِ. اهڙو ئي ڏيءُ جو اونو اٿئي تہ ٻڌي رکينس ها نہ ڪِلي سان! رحمان جي هٿ ۾ گوشت ڪَٽڻ جو ڪات هو. پاڙي وارا جمع ٿي ويا. ٻنهي کي ٻکي رکيائون. سمجهايائون، شاهه صاحب وٽ هلو، شاهه صاحب وٽ هلو.

اِئين ئي ٿيندو آهي. ڪڏهن بہ ڪو چاليءَ جو مسئلو، يا جهيڙو

Gul Hayat Institute

جَهتو، پوليس تائين نہ پهچندو آهي. شاهہ صاحب جو بنگلو ئي ڪورٽ آهي، شاهہ صاحب ئي وڪيل، شاهہ صاحب ئي جج هوندو آهي. ۽ فيصلو سڀ خوشي خوشي قبولي وٺندا آهن، شاهہ صاحب لاءِ ڪنهنجي بہ من ۾ رنجش نہ هوندي آهي. خبر ناهي هو ڪئن پنهنجِي جادوئي شخصيت سان ٻنهي ڌرين کي اثرانداز ڪري وٺندو هو، ڌرين کي لڳندو هو، فيصلو هُنن جي حق ۾ آهي. اَسلم ۽ رحمان چاليءَ جي ڀين ڪيترن سان گڏ بنگلي تي پهتا. شاهہ صاحب مسجد ويل هو. مسجد ۾ رنگ روغن جو ڪم هلي رهيو هو. هيءَ مسجد شاهہ صاحب جي ڏاڏي ٺهرائي هئي. هوئڻ جو هِتي هُتي نماز پڙهي ويندي هئي، سا بند ٿي ويئي. نمازي با نيم مسجد پهچندا هئا. مؤلانا صاحب کي بہ ڏاڏي ئي مقرر ڪيو هو. هاڻي جيڪو مؤلانا صاحب مقرر ٿيل آهي سو پهرئين مؤلانا صاحب جو پوٽو آهي.

سڀ چُپ چاپ بنگلي جِي ڪمپائونڊ پٽ وٽ شاهہ صاحب جو انتظار ڪرڻ لڳا.

ٽئين ڏينهن شاهہ صاحب اَسلم ۽ رحمان کي اچڻ لاءِ نياپو موڪليو. هڪ ٻئي جي پُٺيان هوُ ڊوڙندا آيا. شاهہ صاحب بنگلي جي ڪمپائونڊ ۾ فراسي وڇايل نوَهار جِي وڏِي کٽ تي، طول وِهاڻي تي ٽيڪ ڏيئي براجمان هو. حُقي جو پائيپ هٿ ۾ هوس. ٿوري دوريءَ تي، بنگلي جِي ڪمپائونڊ ديوار جي اڳيان رشيدا ۽ حُسين جون اَميون بہ حِجاب پائي ويٺيون هيون.

اَسلم ميان، توکي ڪهڙو اعتراض آهي جي رشيدا حُسين سان نِڪاح ڪري؟

حُضور، مان ڪنهن شيعا کي پنهنجي ڌيءُ ڪئن ڏيندس، هي تہ ڪافرن جهڙا ئي آهن.

خدا جِي مار، شاهہ صاحب جي منهن مان زور سان لفظ جڻ وڇي اُٿيا. اڙي خُدا جا بندا اِهو شيعا سُني وري ڇا ٿيندو آهي؟ روزِ جَزا جو ڪجهہ تہ خوف ڪريو. الله سائينءَ کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندا سين. ميان، اسين سڀ رب پاڪ جا ٻچا آهيون، الله فرق نٿو ڪري تہ اسين ڪير آهيون هُن جي امر جي آڏو اچڻ وارا. اَسلم پير جي آڱوٺي سان زمين کوٽڻ لڳو. پر حُضور، هوُ بس ايترو چئي چُپ ٿي ويو ۽ آڱوٺي سان زمين کوٽيندو رهيو. شاهہ صاحب هُن طرف ڏٺو، هِڪ پل ڪانپوءِ اَسلم کي چُپ ڏسي شاهہ

Gul Hayat Institute

صاحب رحمان طرف منهن ڪيو.

رحمان ميان، توکي ڪو اعتراض آهي؟

رحمان ڪِياڙي ڪنهڻ لڳو، هو سمجهي نہ رهيو هو تہ ڇا چوان. هُن بنگلي جي ڪمپائونڊ طرف نظر ڪئي. ٻنهي ٻارن جون اَميون پاڻ ۾ ڪِلي ڳالهائي رهيون هُيون.

ميان، توهان ٻئي هڪ ڳالهہ صاف صاف سمجهو، ٻار بالغ آهن، پنهنجي ليکي ئي ڪنهن قاضيءَ وٽ يا ڪورٽ ۾ وڃي نِڪاح ڪري سگهن ٿا، توهان هٿ مليندا رهجي ويندا. خدا جا بندو، محبت الله جِي علامت آهي، پريمين ڪي ملائڻ ثواب جو ڪم آهي، الله توهان ٻنهي ڪي ثواب ڪمائڻ جو موقعو ڏنو آهي، اهڙو موقعو ڇو ٿا وڃايو، ٻارن جي خلاف وڃي ڇو ٿا رب ڪي ناراض ڪرڻ جو گناهہ ڪريو! ٻئي ٻار منهنجي سمجهائڻ تي واپس آيا آهن، موبائيل نمبر تہ مُنشيءَ ڪي توهان ئي ڏنا هئا. هاڻي جيڪڏهن توهان راضي خوشي هِنن ڪي اپنايو ٿا تہ واهہ واهہ ورنہ اِنشہ الله ٻئي پنهنجي ليکي بندوبست ڪري وٺندا. ٻئي پنهنجن پيرن تي بيٺل آهن، ٻئي مُلازِمت ڪندڙ آهن.

رحمان جو هٿ ڪياڙيءَ تان ڪجي نِرڙ تي اچي ويو. هوُ نِرڙ سهلائڻ لڳو. پر حُضور، هِن وقت ميهر ڏيڻ جِي مون ۾ توفيق ڪانهي. شاهہ صاحب ڪان ٺهڪ نِڪري ويو. جيترو ڪري سگهين ڪجان، باقي لاءِ مُنشيءَ وٽ هليو اچج. اَسلم آڱوٺي سان زمين ڪوٽڻ بند ڪري چُڪو هو پر اجا بہ هَٻڪي رهيو هو، شاهہ صاحب جي اِشاري تي هو رحمان طرف وڌيو. رحمان بہ شاهہ صاحب جي اشاري تي اڳيان وڌيو. اَسلم ۽ رحمان ٻنهي هڪ ٻئي ڪي گلي لڳايو.

مبارڪ! مبارڪ!

ٻاهر بيٺل اَميون بہ مُرڪي گلي مليون. شاهہ صاحب ڊرائيور ڪي گهرائي ٻارن ڪي وٺي اچڻ لاءِ چيو.

بنگلي ۾ ڪاري ڪوٽ وارن جِي اچ وڃ وڌيل هئي. بهرام خان هُنن سان گڏ هوندو هو. شاهہ صاحب جِي طبيعت وڌيڪ خراب ٿيندي پئي ويئي. چاليءَ جي هر واسيءَ جي هڪ ئي چاهنا هئي، ڪاش هِن وقت بيگم صاحبہ ۽ شاهہ صاحب جو فرزند اياز هُجن ها، چاليءَ وارن ڪي چنتا ئي نہ

ٿئي ها.

شاهه صاحب جو نِڪاحُ بيگم بينظير سان ڌام ڌوم سان ٿيو هو. بي نظير مائٽن جِي اڪيلي اولاد هئي. چاليءَ جو هر واسي ڊوڙ ڊُڪ ۾ هو. چاليءَ جي چئن بزرگن شيخ صاحب، زُبير ميان، احمد خان ۽ سيد راشد جِي نظرداريءَ ۾ تياريون ٿيون هُيون. هُنن سڀني چاليءَ جي جوانن کي ڊوڙون پئي پارايون. جڻ هُنن جي گهر ۾ ڪو ڪارج هو. هُنن سڀنِي چالي ۽ بنگلو رنگ برنگي ڦوڪڻن ۽ جهَنڊين سان سينگاري ڇڏيو. ڪيترا ڏينهن شادمانا ٿيندا رهيا. چاليءَ جي هر گهر ۾ خوشي هئي. بيگم صاحبه بيحد نيڪ عورت هئي. چاليءَ جي عورتن کي هُن ئي ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ رُڌل رهڻ سيکاريو هو. هاڻي چاليءَ جون عورتون گهر جو ڪم پورو ڪري ڪارخاني وارن جو يا ڪِن فئڪٽرين جو مال پئڪ ڪنديون هُيون. اُنهن ۾ اوڊِٽين کي پئڪ ڪرڻ جو ڪم وڌ ۾ وڌ ٿيندو هو. ڪي عورتون درزين جي لاءِ انٽرلاڪنگ جو ڪم ڪنديون هُيون. اُن ۾ امينا بيبيءَ جو ڪم درزين کي خاص وڻندو هو، هوءَ سليقي سان انٽرلاڪنگ ڪندي هئي، مشين تي هُن جو هٿ پڪو ٿي ويو هو.

ساڳيا شادمانا اياز جي جنم وقت به ٿيا هئا. اياز جِي پرورش ڪنهن شهزادي جيان ٿي هئي. گهوڙيسواري هُن جو پسنديده شغل هو. اياز جِي هميشه اِها اِڇا هوندي هئي ته چاليءَ ۾ مدرسي جي لڳولڳ ڪو ماڊرن اِسڪول ڪولجي، جتي چاليءَ جا ۽ آسپاس جي بستين جا ٻار پڙهن. هُن ڪنهن آرڪيٽيڪٽ کان اِسڪول جو نقشو به ڪڍارايو هو. شاهه صاحب جي والد جي وقت ۾ ئي مؤلانا صاحب مسجد جي ڪمن کي سنڀالڻ سان گڏ مدرسو شروع ڪيو هو، جتي ٻار اڄي تعليم پرائيندا هئا. اُن مدرسي ڪيترا ئي حافظ پيدا ڪيا. شاهه صاحب جو والد بيحد خوش ٿيندو هو، مدرسي جو هر حافظ، حافظ ٿيڻ ڪانپوءِ پهرين والد صاحب وٽ ايندو هو. اِها روايت شاهه صاحب جي وقت ۾ به جاري رهي آهي، شاهه صاحب حافظين تي نذرانن جِي بارش ڪري ڇڏيندو هو.

بهرام خان جو سياءُ بلڪل تيز آهي. هر ڪنهن سان ڳسارو ڳالهائيندو آهي. شاهه صاحب جِي تيمارداريءَ سان ته جڻ هُن جو ڪو واسطو ئي ڪونه آهي. ڊاڪٽر سان به صرف ’هون، ها‘ ۾ ئي ڳالهائيندو آهي. هُنجو



Gul Hayat Institute

گهڻو وقت وڪيلن سان گذرندو آهي. هُن ڪنهن به قسم جو جوکم کڻڻ نٿي چاهيو. شاهه صاحب ڪانپوءِ چاليءَ وارا پريشان نه ڪن اُن لاءِ هو قانوني داوَپيچ ڏيان ۾ رکي رهيو آهي. هُنکي خبر هئي شاهه صاحب هاڻي مهمان آهي، صرف ڪِن ڏِينهن جِي ڳالهه آهي.

درحقيقت شاهه صاحب جي طبيعت اياز ڪانپوءِ ئي ڍلي ٿي ويئي هُئي، پر هو بيگم صاحبه جو خيال ڪري ڪجهه به لکاءُ پوڻ نه ڏيندو هو. اياز گهوڙيسواري ڪندي پٽر مٿان ڪِري پيو هو. سِر جِي چوٽ هئي. ڊاڪٽر هارائي وينا. بنگلو خاموش ٿي ويو. چالي خاموش ٿي ويئي. اهڙي خاموشي جو لڳي پيو ته هتي ڪوئي به وَسيل ئي ڪونهي. بي نظير بيگم ٽُٽي پيئي. هُن جو ڪنهن به شيءِ ۾ ارواحُ نه رهيو. ڪائڻ پيئڻ جو ڪو هوش نه هوندو هوس. هُن لاءِ جڻ دُنيا بيهجي ويئي هئي. وقت گذرندو رهيو، پر هوءَ جڻ اياز جي پر ۾ ئي بيني هئي، وقت جي هڪڙي ٽُبڪي تي. هُن جو نڪ ۽ اکيون هميشه ڳاڙهيون نظر ايندين هُيون. ڪڏهن ڳالهائيندي هئي ته لڳندو هو هُن جا لفظ آلا آهن. بيگم جي حالت ڏسي شاهه صاحب فڪرمند هوندو هو، پنهنجي طبيعت کي پُلجي ويو.

شاهه صاحب چاليءَ جي چئن بزرگن کي نياپو موڪليو. شيخ صاحب، زُبير ميان ۽ احمد خان ته ترت حاضر ٿي ويا پر سيد راشد ڪنهن ڪم سان ويل هو. دُعا سلام ڪانپوءِ شاهه صاحب هُنن کي رمٽيائي ديسائيءَ سان مِلايو. وڪيل هو. رمٽيائي هُنن کي، شاهه صاحب جي ڪمري مان هال ۾ وٺي آيو. هوُ گهبرائجي ويا. الائي ڇا چوندو وڪيل صاحب، ڪٿي صحيون وٺندو. ويئي، ويئي، چالي هٿ کان ويئي. هوُ وياڪل ٿي ويا. ايتري ۾ بهرام خان اچي ويو. هُن رمٽيائي ديسائيءَ تي هڪ نظر وڌي ۽ پوءِ شاهه صاحب جي ڪمري ۾ هليو ويو. بهرام خان جو آواز اچي رهيو هو، پر لفظ ٻُڌڻ ۾ نٿي آيا. شاهه صاحب جو ته ڪو آواز نه اچي رهيو هو. رمٽيائيءَ چار وڏيون لِسٽون شيخ صاحب کي ڏيندي چيو هن ۾ چاليءَ جي گهرن ۾ رهندڙ هر گهر جي وڏي جو نالو لکيل آهي، نالي جي سامهون وابسته گهر جي هر وڏي جي صحيح وٺي اچو. چار لسٽون آهن، صحيح چئني ۾ ڪرڻي آهي. شيخ صاحب، زُبير ميان ۽ احمدخان طرف ڏٺو. هو ڪجهه هَبڪيا.

پر صاب گهبرايو نه، توهانکي چالي خالي ڪرڻي آهي، پر اِها

ڪِل نڪري ويئي. ترس مان ڏِڪو ٿو ڏيان.

حُسين ۽ شڪيل جي وچڻ ڪانپوءِ ٿُرت ئي پوءِ سيد راشد سامهون ڪان ايندو نظر آيو. هميشہ جيان هُن جو سجو چهرو گهاٽي ڏاڙهيءَ ۾ لِڪل هو. لڳندو هو اکيون، نڪ ۽ چَپَ ڏاڙهيءَ مٿان چُهٽايل آهن. زُبير ميان اُتان ئي زور سان آواز ڏنو سيد صاحب! ذرا هتي تشريف ڪڻي اچجو. زُبير ميان جِي ٻوليءَ تي شيخ صاحب ۽ احمد خان ڪان ڪِل نڪري ويئي. ميان، لکنؤ مان ٿي آيو آهين ڇا! سيد راشد، ڏاڙهيءَ کي لساريندو اڳيان آيو تہ زُبير ميان هُن جي هٿ ۾ پنا ڏنا. هيترا سارا پنا؟ ڇا لکيل آهي؟ اِهو ئي تہ ڄاڻڻو آهي. سيد راشد پنا اُٿلايا پُٿلايا. جهڻي مان رومال ڪڍي منهن اُگهيو، رومال ڏاڙهيءَ تي ڦرندو رهيو. هلو مؤلانا صاحب وٽ، هوُ ٻڌائيندو ڇا ماجرا آهي.

چاليءَ وارا ڪجھ ڪجھ سمجهڻ لڳا. مؤلانا صاحب هُنن کي ٻڌايو، هي چاليءَ وارن ۽ بلڊر جي وچ ۾ قرار آهي. قرار مطابق چالي وارن کي جيترو ٿي سگهي ايترو جلد چالي خالي ڪرڻي آهي. هو جتي چاهين اُتي وڃي رهي سگهن ٿا، مسواڙ طور هُنن کي روپيہ پنج سؤ ماهوار بلڊر ڏيندو. اُنکان وڌيڪ مسواڙ هُننکي پاڻ ڀرڻي پوندي. جتي چاليءَ جي زمين آهي اُتي بلڊر ٻن سالن ۾ ڇئن ماڙن جا چار وڏا بلاڪ ٺهرائيندو جِن ۾ اٽڪل ٻہ سؤ ڪان وڌيڪ ٻن رومن وارا فليٽ ٺهندا جيڪي پوءِ چالي وارن کي سونپيا ويندا. فليٽ سونپڻ ڪان پوءِ مسواڙ ڏيڻ بند ڪئي ويندي. اُتي ئي اياز جي نالي سان اِسڪول بلڊنگ بہ ٺهرائي ويندي.

حُسين بہ ساڳي ڳالھ ڪئي. هو پنهنجي ڪنهن وڪيل دوست ڪان دستاويز پڙهائي آيو هو. هُن چاليءَ جي ماڻهن جِي ڪا ٽرسٽ ٺهندي، اهڙي بہ ڳالھ ڪئي، چاليءَ جي هر گهر جو وڏو ٽرسٽ جو ميمبر بڻبو.

اِها تہ سُني ڳالھ آهي تہ پڪا فليٽ ملندا، هونئن ئي هي گهَرَ تہ اهڙا آهن جو زور سان ٺڪ ڏئي تہ ڀتين جا ڇاپوڙا ڪِري پون! ناصر پنهنجي ڳالھ تي ئي زورسان کِلڻ لڳو. پر ڪو بہ هُن جِي کِل ۾ شامل ڪونہ ٿيو. هو چُپ ٿي ويو. حُسين اِهو بہ ٻُڌايو تہ منهنجي وڪيل دوست چيو تہ اُفواھ آهي تہ شاھ صاحب ڪنهن بلڊر سان ڪروڙن ۾ زمين جو سؤدو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي اُفواھ ... آهي يا ...هُن چيو تہ شاھ صاحب پنهنجي طبيعت کي ڏسندي تڪڙ تڪڙ ۾ سڀ ڪم ڪري رهيو آهي.

چالي وارن جي من ۾ شڪ شبھ هئا. شاهه صاحب حاضر آهي تہ سڀ نيڪ آهي، پر هُنجي وڃڻ ڪانپوءِ بلڊر ڦري وڃي تہ ! مسواڙ نہ ڏئي تہ ! زمين هڙپ ڪري وڃي تہ ! بهرام خان جو بہ تہ ڀروَسو ڪٿي آهي! خبر ناهي شاهه صاحب جي وڃڻ ڪانپوءِ هوُ ڪهڙا رنگ ڏيکاري! هُنن جي اَندر ۾ ڪيئي سُوال هئا، جواب ڪنهنجو بہ ڪونہ هو.

آخر چاليءَ جي بزرگن شاهه صاحب وٽ ئي وڃڻ جو سوچيو. هوُ ويا. ڪمپائونڊ واري گيٽ ڪان داخل مس ٿيا تہ مالهي روئڻهارڪي صورت سان سامهون گڏيو. ٻُڌايائين شاهه صاحب ڪِن گهڙين جو مهمان آهي. سڀ اُتي ئي ويهي رهيا. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون، زُبير ميان اڪيلو شاهه صاحب جي ڪمري طرف وڃي. هوُ ويو. ڪمري جي ٻاهران ئي هُن ڏٺو شاهه صاحب ڊاڪٽرن سان گهيريل آهي. رمڻيائي ديسائي بہ اُتي هو. زُبير ميان ڪي ڏسي رمڻيائي هُن وٽ هلي آيو. توهان هو پنا صحيح ڪيا؟ زُبير ميان چُپ رهيو. رمڻيائي ٻاهر نڪري آيو. سيد راشد ڪانسواءِ هُن ٻين بزرگن ڪي سُجاتو. توهان بلڪل چنتا نہ ڪريو. توهان پنا صحيح ڪري ڏيو، توهانجي ٽرسٽ نهي ويندي ۽ بلڊر بہ توهان سان ٺڳي ويندو. توهان پنهنجي گهر جا مالڪ ٿي ويندا.

صاب، بهرام خان هُن ڪي بہ شاهه صاحب ريٽيو ڪونهي، شاهه صاحب هُن لاءِ چوندو رهندو آهي، هيءُ اِنسان نہ، دوڪان آهي، دوڪانداريءَ ڪانسواءِ هُنڪي ڪجهہ نہ ايندو آهي، هو ٿورو ڪِليو. شاهه صاحب جي وصيعت ۾ توهانجي زمين ڪي ڇڏي شاهه صاحب جِي باقي زمين تي بلڊر جيڪي فليٽ ناهيندو اُنهن جِي قيمت جو پنج سيڪڙو هُنڪي ملندو. هُنڪي قبول ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي. اُتي شاهه صاحب جو باوَرچي اکيون اُگهندو ٻاهر آيو. شاهه صاحب نہ رهيو هو.

چاليءَ ۾ سانت آهي. ڪيترن جي من ۾ شنڪائون آهن. ڪهڙي خبر صحيون وني، چالي خالي ڪرائي سڀ ڦِري وڃن، رمڻيائي بہ بهرام خان سان ملي وڃي، بلڊر سان ٻِٺُ تي وڃي. پر صحيون ڪري دستاويز رمڻيائيءَ ڪي سونپڻ ڪانسواءِ هُنن وٽ ٻيو ڪو رستو بہ تہ ناهي! چاليءَ جي رهواسين جا اڄڪلهہ چَپَ ۽ نِڙي سُڪل رهندا آهن.

ꕤ

# ”سفر سنڌ جو“

✍ لال هرداساڻي

(ياد اَٿم، گهڻا ورهيه ٿيا. سرڳواسي ڪاڪا هري موٽواڻي مونکي ساڻ ڪري ممبئي شانتاڪروز ۾ سيتا سنڌو ڀون جي مٿل ميڙاڪي وٽي هليا. اُتي سنڌن ڪونج جو بہ مهورت هو. اُتي منهنجو هٿ پڪڙي وڏي واڪي اَنائونس ڪيائون تہ مان پنهنجي جيئري ئي اَدبي وارث ساڻ آندو آهي. پهريون شخص جيڪو اَڳيان وڌي آيو، ڀاڪر ڀري ڪن ۾ چيائين تہ خيال اَصل نہ ڪجو. اَسان توهان ساڻ آهيون. اُهو شخص هو - لال هرداساڻي. ۽ اَڄ سوڏو ڪونج سان ساٿ سلامت اَٿس. تازو سڪر جي ساڌو ٻيلا ۾ ڊائمنڊ جبلي جي مهورت جو اَحوال پڙهي کين پنهنجو سفر ياد پيو. پاڻ صاف سٿرو سليقي واري شخصيت آهي. ٥٠ سالن کان مٿي پرڏيهہ هانگ ڪانگ ۾ رهي ٿو. ننڍي هوندي کان پنهنجي زندگيءَ جا نوٽس وٺندو پيو اَچي. ممبئي دادر ۾ سنڌي ماڌيم مان پڙهيو پر اَڄ سوڌو سڪول جي بانيڪارن سان سڪ پريم جو ناتو ڳنڍيل اَٿس. هر سال هانگ ڪانگ ۾ چيٽي چنڊ سنڌيت ڏينهن جو شاهي ميلو مچائيندا ايندا آهن، جنهن ۾ سندس ساٿي نوتن تولاڻي بہ ساڻ آهي. ٻنهي جي جوڙي شال شاد آباد رهي. سمپادڪ.)

**11 اَپريل** 2001 **ڪان 16 اَپريل** 2001

يارهين اَپريل 2001 رات جو 11-40 p.m. هوائي جهاز CX رستي ڪراچي تي لٿس. هوائي اَڏو لڳ ڀڳ ممبئي جهڙو ئي هو پر ڪافي وڏو پئي لڳو. مسافر هڪ ٻئي ڏانهن دوستاڻي نگاهہ ۾ هئا. گرين چئنل کان ٻاهر نڪتس ڇو جو ڊيڪلارڻ جهڙو سامان ساڻ ڪجهہ بہ ڪونہ هو. هوائي اَڏي تي شري ڀڳوانداس چاولا جو سپاترُ وجيہ چاولا وٺڻ آيو هو. ڀڳوانداس ڪراچي جي هندو پئنچائت جو مکيہ سرڪردو آهي.

هوٽل ميريات ۾ داخل ڪيوسين. اَگهہ رپيا 3850 يا 60 ڊالر.



Gul Hayat Institute

بلڪل واجب لڳم. روم ۾ T.V. - اُن ۾ 24 چئنل، سوني ۽ زِي ۽ MTV به هئا.

12 اَپريل صبح جو سويل پرو 30-6 بجي جاڳ ٿي. ٽي.وي. تي هلندڙ ستسنگ ٻڌم. آنند آيو. گهر هانگ ڪانگ اَرڏانگنيءَ کي فون لڳايم. ڪشور سان به ڳالهايم. سک سلامتيءَ سان پهچڻ جو اَحوال ڏنم. مڏوءَ ٻڌايو ته منهنجي پوٽيِ Saiesha عمر 2 سال اُٿڻ شرط چيو ته دادوءَ کي نه ڏسڻ جو ڏک اَٿم. مونکي خوشي ٿي ٻارن ۾ ۽ ٻارن جو موه سوَلو جيئڻ جو رستو آهي. ڏينهن جي شروعات سني لڳم. نيرن لاءِ ناديا ڪافي شاپ ۾ پرونا - پٽاٽن جي ڀاڄي - سيِرو (حلوو) ۽ فروٽ - ميويدار ڏهي - ڪارن فلئڪس - سنگ جا ٽاڪيل سيڪيَل داڻا ڪائي چانهه پيِ پيٽ ڏٽيم.

ايتري ۾ پرڪاش سانولاڻي جي دوستن اَشرف ۽ اَسلم جو فون آيو، جن خوش خيريافت ڪاڻپوءِ، ڪنهن به مدد جي درڪار لاءِ حاضر رهڻ جي حامي ڀري. اَشوڪ اوڏراڻي ۽ ڪشن نوتنداس به ممبئيءَ کان هوائي جهاز پڪڙي اَچي پهتا. سيٺ ڀڳوانداس چاولا سنڌي ڊرائيور سوڏو پنهنجي ٽوياٽو لئنڊ ڪروزر گاڏي موڪلي جيئن ڪراچي ۽ آس پاس وارا علائقا گهمي ڦري سگهان. پهرين ڪلفٽن تي آڳاٽي شِو مندر ۾ مٿو ٽيڪيوسين. صفائي سهنج ڀري ڪونه هئي. پوءِ صدر ڏانهن رخ رکيوسين.

منجهند جو چاولا جي گهر مانجهاندو هو. ماني ٽڪي ڪائي 30-4 بجي ڏاري رهرڪيءَ ڏانهن روانا ٿياسين. رستي ويندي حيدرآباد چانهه لاءِ ترسياسين. رهرڪي رات جو 2 بجي پهتاسين. هٿ منهن ڌوئي تازا توانا ٿي اَسان به هلندڙ ميلي جي موڄ ڀري مهراڻ ۾ ٽپي پياسين. ڇهه اَٺ هزار سنگت ته واه جي هئي. شازيا خُشڪ پنهنجي سريلي سنگيت سان جڻ سڄي هجوم کي ٻڌي رکيو هو. سڀ موڄ ۾ جهومي رهيا هئا. سندس گهوٽ ابراهيم خُشڪ جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي، اَسان کي به سٽيج تي ڊانس ۾ داخل ٿيڻ جو سڪ ڀريو سڏ ڏنو. وقت جي ڪابه سمک ڪونه رهي. صبح جو 6 بجي پلؤ پيو. نيرن راجا سائينءَ جي گهر ڪائي 30-8 بجي آرام لاءِ ليٽياسين. 45-11 اَڪه ڪُلي. ٽن ڪلاڪن جو آرام ڪري ٽڪ ڀڃي ورتو.

13 اَپريل، جمع - شڪروار : منجهند جو وقفو. راجا سائين ساڻ.

چِکن قلکا، فراءِ چِکن - ڪائي ساڌو ٻيلا درشن لاءِ وياسين، جنهن جي ويجهو 40 لک رپين جي لاڳت سان مرمت پئي ٿي. مرمت لاءِ ڪل 1.25 ڪروڙ خرچ جو تخمينو پئي ٻڌايائون. 220 سال پراڻي نديءَ ڪناري ڪڙي ڪيل عمارت - ديوانچند چاولا جي نظرداريءَ هيٺ ڪم پئي هليو. ديوان پاڻ بہ چست قرت پئي لڳو. ڪل ڪم ۾ اَٽڪل 55 والنٽيئر لڳل آهن. هاڻ ساڌو ٻيلا جي اَصلي گادي ممبئي ۾ آهي. سوامي گڻيشداس گديسر آهن. هِت فقط سيواڌاري سمورو ڪارج پيا سنڀالين. ڪين وڏي شاهي لئبرري آهي، جنهن ۾ اَڻ ڳڻيا ڪتاب پيا آهن.

اُتان مٿو ٽيڪي سائين وسڻ شاهه جي درٻار ۾ وياسين، جن جي گادي هاڻ اُلهاسنگر-5 ۾ آهي ۽ سائين پرمانند صاحب گديءَ تي براجمان آهن. زنده پِير جهوليلعل درٻار تي آسيس ورتيسين. ٽاور بزار مان مٺائي ڪائي فروٽ جوس ورتايوسين. من پرسن ٿيو.

سائين ساڌرام سان گڏجاڻي 10 کان اَٽڪل 30-12 تائين هلي. ڏهن منٽن جي سٽائي سفر ۾ ڏهرڪي ۾ ڀائو هريرام جي گهر رات جي رسوئي هئي. ڪاڏو پيتو 1 کان 30-4 تائين هليو.

ان سفر ۾ جن شهرن کان گذرياسين - ڪوٽڙي، حيدرآباد، دادو، مورو، هالاڻي، روهڙي، سکر، خيرپور، پنو عاقل، گهوٽڪي، ميرپور خاص، ڏهرڪي ۽ رهرڪي رهيا، جتي سماڌيءَ ڪي ڏيوري صاحب پئي ڇيائون. سيٺ ڀڳوانداس جي ڪار ۽ ڪانجي ڀائي ڊرائيور برابر دم جهليو.

14 اَپريل، صبح جو 11 بجي اَک پٽي. سج چڙهي چڪو هو. تيار ٿي سائين ساڌرام جي درٻار ۾ وياسين. 2 ڳوٿريون پرساد جون ڏنائون. جيئن مٽن مائٽن، يارن، دوستن ۾ ورهائي سگهون. پڪر پاتائون. پنهنجيون ٽيپس ۽ وڊيو ڪئسيٽس ڏنائون. راجا سائين ساڻ. اَٽڪل 3 بجي ڪار رستي سچل سائين جي درگاهه درازن لاءِ سکر - راڻي پور رستي روانا ٿياسين. اَٽڪل 30-4 بجي درازن ۾ حاضري ڀريسين. اَندر ڪيتريون سماڌيون هيون پر اُن وقت کو ڪونہ ٻڌائي سگهيو تہ سچل سرمست صاحب ڪٿي سُتل آهي. سخي سائين ڏانهن نياپو ويو. سائينجن آرام ۾ آهن - وارو نياپو واپس وريو.

Gul Hayat Institute

# عبدالقادر جوڻيجو

✍ اَحمد سولنگي

سنڌ ۾ جديد ۽ قديم عالمي اَدب جو وڏي ۾ وڏو پاڙهو، آسڪر اَوارڊ يافته فلم بابت هڪ باخبر شخص، سنڌي تخليقي ڪهاڻيڪار، ناٽڪ ۽ جديد ڪالم نويس، مهان ليکڪ ۽ پاڪستان ٽيليويزن سميت مختلف چئنلن تي ’سيڙهيان‘ جهڙي ڪيترن ئي نوَن، نڪور اُردو ڊرامن جو بنياد رکندڙ، روحي بانو جهڙيءَ عظيم اداڪاره کان پنهنجي ڪلاتمڪ ڊرامي ’ڪاروان‘ ۾ ملڪي سطح تي آرٽسٽڪ ڪردار اَدا ڪرائيندڙ، يارن جو يار، حسن صورت جو عاشق، سچي دنيا کي پنهنجيءَ اَک سان ڏسي ايندڙ هڪ سچيت سياح عبدالقادر جوڻيجو اَڄ اَسان جي وچ ۾ نه رهيو آهي. اَهڙي مهان فنڪار جو خال سنڌ ڪڏهن به پري نه سگهندي.

سنڌي اَدبي سنگت سنڌ عبدالقادر جوڻيجي جي وفات تي عبدالقادر جوڻيجي جي سوڳوار خاندان سان هن ڳهري ڏک جي گهڙيءَ ۾ برابر جي شريڪ آهي.

عبدالقادر جوڻيجي جي وفات تي سنڌي اَدبي سنگت سنڌ سڄيءَ سنڌ ۾ ٽن ڏينهن جي سوڳ جو اعلان ڪري ٿي. اَسان سمجهون ٿا ته عبدالقادر جوڻيجو هڪ روشن خيال، سيڪيولر ۽ وطن دوست، مارئي جي مهڪ رکندڙ مُهراڻي جو مور هئو، جنهن جي رنگين کنين آڏو سنڌ جو تتل آڪاس آگمجي ويندو هئي.

اَڄ سنڌ جو هڪ مهان ليکڪ اَسان کان جدا ٿي ويو آهي. عبدالقادر جوڻيجي جي کوٽ اَسان کي سدائين عبدالقادر جوڻيجو ياد ڏياريندي رهندي!

Gul Hayat Institute

هوُ اَسان جي يادگيرين جي باغيچن ۾ روز پسار ڪندو رهندو. هوُ ڪڏهن اَسان کي پنهنجي گفتگو جي مخصوص انداز سان موهيندو رهندو، هوُ ڪڏهن اَسان جي آڏو پنهنجي مُٺ جي دڪيل سگريٽ کي چپٽيءَ سان ايش-ٽري ۾ چنڊبي، گارشيا مارڪيز جي فن ۽ فڪر تي ڳالهائيندو رهندو. هوُ ڪڏهن اَسان سان شيرون اسٽون، ڊيمي مور،

مائيڪل ڊگلس، رابرٽ ڊي نارئي ۽ اينٿني ڪوئين تي ٻالهائيندي هاليووڊ جون ڪيئي ڪٿائون کولي ويهندو. هوُ ڪڏهن اَسان سان شيخ اياز جا قصا، اياز جي شاعري ۽ اِنٽرنئشنل شاعريءَ تي ٻالهائيندي واهڙ وهائي ڇڏيندو. هوُ ڪڏهن اَسان کي سليٽي سمونڊ تان سڏيندو رهندو. هوُ ڪڏهن اَسان کي وڄوٽي ۽ ونگي جي وراڪن سان وڪوڙيندو رهندو ۽ اَسان کي ٿڌا ساه پيرائيندو رهندو. ۽ اَسان سدائين عبدالقادر جوڻيجي جي پنهنجي دلين جي دروازي تي آجيان ئي ڪندا رهنداسين!

∞

## غزل

**✍ ساگر مشتاق**

- ڪھڙيون ڪھڙيون من جون ٻالهيون،
اڪڙين جي جوين جون ٻالهيون.
- هوُ آ سڀي مان وار ڇڏي تي
ڇھڪيون چيٽ چندن جون ٻالهيون.
- ڪنهن وٽ تخت اِلاهي آهي،
ڪنهن وٽ ماني ڪن جون ٻالهيون.
- ماڻهوُن ڇا ڇا ٻول ٻڌائن،
پنهنجيون سنڌوُ وطن جون ٻالهيون.
- ڪونہ چندر آ ڪونہ آ صادق،
ڪنهن سان اوريان فن جون ٻالهيون.
- مون ۾ سنڌو، سنڌو ۾ مان،
مون ۾ ئي تہ موهن جون ٻالهيون.
- اڪڙين جي جوين جون ٻالهيون،
ڪھڙيون ڪھڙيون من جون ٻالهيون.

∞

## غزل

**✍ ساحر راهو**

- سرمد ۽ منصور، ناهيان ڪنهن طرح،
آءُ حق جو نور، ناهيان ڪنهن طرح.
- دل انهيءَ درگاه جي، ئي ڇائنٽ آ،
خاڪ هان ڪستور، ناهيان ڪنهن طرح.
- ڪنهن قتيل جي زخم، جو مرهم ٿيان،
مان مسيحا مور، ناهيان ڪنهن طرح.
- طلبيان توڪان، اجورو نور جو،
ديپ هان مزدور، ناهيان ڪنهن طرح.
- جو وجودي سگهہ ڪي، پرکي سگهي،
سنڌ سو جمهور، ناهيان ڪنهن طرح.
- جستجو ڏاڍي ٿڪل آ، يا خدا،
پست هان مجبور ناهيان ڪنهن طرح.
- چنگ آهيان آءُ بيجل جو ميان،
شاه جو تنبور، ناهيان ڪنهن طرح.
- تون ڪجل جان، پاڻ ساحر اَک ۾،
نور تو ڪان دور، ناهيان ڪنهن طرح.

∞

Gul Hayat Institute

# مان هن کي چاچا چوندو آهيان

✍ امداد سولنگي

اَڄ جنهن ماڻهوءَ جو جنم ڏڻ آهي، اُهو منهنجي لاءِ تمام وڏي شخصيت آهي. ايتري وڏي شخصيت جيترو اَدب جو دنيا ۾ ڪو اَديب نوبل پرائيز ملڻ ڪانپوءِ وڏي شخصيت بڻجي ويندو آهي. هي به ايتري وڏي شخصيت آهي، پر فرق صرف ايترو آهي جو ان جي مٿي تي نظر ايندڙ تقدس جي تاج ۾ اهو رڳو دنياوي اَک سان نظر ايندڙ ڳوڙي ڇپ وارو انعام جو ڪنبي سڄيل ڪونهي. اهو سچ آهي ته هن کي اهو انعام مليو آهي، نه وري ڪڏهن ملندو ۽ نه ئي وري هو ان اَدبي ميراثين جي قطار ۾ بيٺل اهو شخص آهي جنهن جي اَک مقصد ڪان وڏيڪ مطلب جي گورخ ڌنڌي ۾ ڦاٿل هجي ٿي. منهنجي نظر ۾ هن جو وڏي ۾ وڏو انعام هن جو اهو مقام آهي جيڪو هن کي لفظن جي مريادا تي تر جيترو به ڪمپرومائيز نه ڪرڻ جي ڪري وقت آڇيو آهي. منهنجي ناقص راءِ مطابق قلم هڪ آبرو جو نالو آهي ۽ ان آبروءَ جو هڪ اَڄ جي عهد ۾ معتبر حوالو **رڪيل مورائي** آهي، جنهن جو اَڄ جنم ڏڻ آهي.

رڪيل مورائي جي تقرير ۽ تحرير ٻنهي جي متن ۽ معنيٰ ۾ تر جيترو به فرق نه آهي. اَلبته انسان طور اها دعويٰ نٿي ڪري سگهجي ته هن جي ذات Perfect هوندي. اهو ڪنهن به طور تي ممڪن نه آهي. باقي رڪيل مورائي جي تحريرن مان ڪير ڪامائن ۽ فل اسٽاپ يا سائن آف ايڪسڪليميشن يا وري ڪوسچن مارڪ جو به ڪو معمولي فرق ڪڍي وجهي ته ان جو ڏنڊ بحر صورت رڪيل مورائي کان طلب ڪري سگهجي ٿو.

رڪيل مورائي جديد اَدب ۾ منڊ ڪان وٺي ايتري خاموشيءَ سان پنهنجي حصي جو ڪم ڪندو رهيو آهي جو مون هڪ دفعي مذاق ڪندي ڪيس نوٽيس ڪرايو هو ته ڪٿي اَوهان جي زبان ۾ ڪو مسئلو ته نه آهي. جنهن جي موٽ ۾ هن مونکي چيو هو ته پٽ، منهنجو عمل منهنجون لکڻيون آهن جيڪي مون کي ٻوڙينديون به ۽ تارينديون به. وري جڏهن مان ٻئي سوال پڇڻ جي تياري ڪرڻ لڳس ته هن مون کي منهنجي ممڪنه سوال پڇڻ

Gul Hayat Institute

واري عمل کان اڳ تنبيهه ڪندي چيو هو ته بابا، مان ليڪڪ آهيان، ڪو ٿانو وڪڻڻ وارو ناڻارو يا تول وڪڻڻ وارو گهورڙيو يا مڇي ڪپائڻ وارو ساٿي نه آهيان جو هوڪا وتان ڏيندو مان ته تبڪي جيترو ليڪڪ آهيان، جنهن ڪري منهنجو فرض آهي منهنجي بجاءِ منهنجا لفظ مخاطب ٿين....! ڇا پلا ان کان وڌيڪ ڪو سچيت ليڪڪ پنهنجي ڪمٽمينٽ جو ٻيو وڏو مثال ڏئي سگهي ٿو!

رڪيل مورائي جي لکڻين ۾ هڪڙو element آهي اورانڻ يا يادگيرين جو جيڪو مون کي تمام گهڻو ڇرڪائيندو آهي. اها ٽيڪنيڪ اصل ۾ فڪشن جي آهي جيڪا مختصر ڪهاڻي يا ناول لکل لاءِ ڪتب ايندي آهي. اَدب ۾ ان ٽيڪنڪ جو موجود نارويجي جو مشهور ناول نگار نٽ همسن آهي. نٽ همسن، کي ١٩٢٠ ۾ سندس ٧٠ سالن جي اَدبي خدمت عيوض نوبل پرائيز سان نوازيو ويو هو. ان کي نٽ همسن فليش بيڪ جي ٽيڪنيڪ ڪوٺيو آهي.

اهو ساڳيو element رڪيل مورائي جي هر لکڻيءَ جي پسمنظر يا پيش منظر ۾ محسوس ٿئي ٿو. اها خوبي هن جي نثر کي Tasteful بڻائي ٿي، ڇو ته هن وٽ زندگيءَ جي المين ۽ ڏکن ڏاکڙن جو عميق تجربو آهي، جيڪو يادگيرين جي شڪل ۾ هن جي لکڻين ۾ اُڀري ٿو اَچي. مون کي نزار قاباني ياد اَچي رهيو آهي، جنهن به يادگيرين جي حوالي سان ڇرڪائيندڙ ڳالهه لکي آهي. نزار قاباني چوي ٿو،

The most dangerous Heart disease is strong memory.

رڪيل مورائي جيڪو هينئر نظر اَچي رهيو آهي ان ۾ سندس جيون ساٿياڻي ۽ اَسان جي احترام لائق چاچي ڪلثوم جو مرڪزي ڪردار آهي. ڪو يقين ڪري يا نه ڪري، پر اها حقيقت آهي ته چاچي ڪلثوم موري تعلقي جي صفا پوئتي پيل ڳوٺ جي هڪ باهمت فرد هئي، جنهن پنهنجي ور کي مشڪل حالتن ۾ ڪڏهن به اَڪيلو محسوس ٿيڻ نه ڏنو. اصل ۾ اهو ئي وڏو ڏڍ هو جنهن سنڌ جي ايڏي وڏي اَديب رڪيل مورائي جي وڌڻ ۾ مکيه ڪردار اَدا ڪيو. ان ڪانپوءِ رڪيل مورائي جي اَندر جو سچيت ليڪڪ جاڳي پيو.

رڪيل مورائي جي لکڻين جا پاڙ هن جي دؤر ۾ پيدا ٿي چڪا آهن.



Gul Hayat Institute

مان سمجهان ٿو اها هن اَدبي قد ڪاٺ جي ميچنا آهي. سندس چاهڻ وارا چوٽيءَ جا ليکڪ هند ۽ سنڌ ۾ هڪ جيترا آهن. ان جي پٺيان به سندس لکڻين جي تخليقي جوهر جو ڪمال آهي، ڇو ته رکيل مورائي جون لکڻيون مڪمل طور تي ترقي پسند فڪر جي نمائندگي ڪن ٿيون. سندس لکڻين تي ڪنهن هڪ ڌارا جو اثر نظر نٿو اَچي. ڪوبه پاٺڪ اِئين نه چئي سگهندو ته رکيل مورائي پنهنجي لکڻين ۾ نيشنلزم جي نظرئي جي وڪالت ٿو ڪري، ڪير اِئين به نه چئي سگهندو ته رکيل مورائي تي ڪميونزم جي نظرئي جي ڇاپ آهي. پر حقيقت ۾ سندس پهرين ۽ آخرين سُڃاڻپ هڪ آزاد سوچ واري ليکڪ جي آهي. سندس لکڻين ۾ وڏو تخليقي vision آهي. سندس ڪم ڪيترين ئي اَدبي سرگرمين تائين ڦهليل آهي. سنڌ ۾ جيڪي به وڏا اَدبي Events ٿين ٿا تن جي حوالي سان رکيل مورائي هميشه متحرڪ ڪردار اَدا ڪيو آهي. ان لحاظ ۾ ڪو وڌاءُ نه آهي ته سنڌ جي اَدب جي واڌاري لاءِ جيڪو **رکيل مورائي** اَڪيلي سر معياري ڪم ڪيو آهي تمام غير معمولي آهي.

☙❧

ڪهاڻي:

## شادي

**✍ تبسم مهتاب**

”تون ساڻس شادي ڇو نٿي ڪري وٺين؟“

”آءٌ پنهنجو شان وِڃائڻ نٿي چاهيان.“

”مطلب ته هو هڪ غريب اَديب آهي ۽ تون اَمير آهين؟“

”نه مطلب اهو ته اَديب کي ڪنهن آئيڊيل جي ضرورت هوندي آهي جنهن کي ذهن ۾ رکي اَدب جي تخليق ڪندو آهي. هينئر آءٌ سندس آئيڊيل آهيان. مونکي ذهن ۾ رکي ڪهاڻيون لکي ٿو. زال بڻجي ويندس ته اَفسانن جي inspiration لاءِ ڪو ٻيو آئيڊيل ڳولهي وٺندو.“

(چونڊ : عباس سارنگ، ڪهاڻي ڪتاب ’تلاش‘)

☙❧

ڪهاڻي:

## پوپٽ

**✍ عباس سارنگ**

ٻئِي هڪٻئي جا دشمن، هڪٻئي تي بندوقون تاڻيون بيٺا آهن. ٻنهي جون جيتري تائين گوليون هلن ئي هلن، هڪ رنگين پوپٽ سندن وچ مان گذريو، پوپٽ ايترو ته رنگين ۽ خوبصورت هو جو ٻئي هڪٻئي جا دشمن، ان پوپٽ کي ڏسي حيران ٿي ويا ۽ گوليون هلڻ کان رهجي ويون.

☙❧

Gul Hayat Institute

# موتيرام ايس. رامواڻي

(24.2.1910 - 2.8.1997)

✍ گوورڌن شرما 'گهايل'

ڪنهن ڪويءَ سچ فرمايو آهي:

''ماڻهون مڙيئي نہ ماڻهون، پکي مڙيئي نہ هنج،

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اَچي بوءِ بهار جي.''

سنڌي قوم جي اِها خوشنصيبي آهي تہ ڪيترائي موتي ماڻڪ گهڻ ڪُنڊي شخصيت جا مالڪ اَهڙا بہ پيدا ٿيا، جن سنڌي سماج لاءِ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ، سنڌي ساهتيہ لاءِ پنهنجي هٿان وَسان ڪين گهٽايو. اِها ڳالهہ ٻي آهي تہ اُهي پنهنجي ساراهہ ۽ وڏائيءَ کان وَنءُ ويندا رهيا، ڪم ڪندا رهيا ۽ سڄي عمر اِئين ڪندي ماءُ جي ٿڃ سڄائي ڪيائون. اَهڙن لاکيڻن مان هڪ نالو هُري ٿو اَچيم، اُهو آهي سداحيات موتيرام ايس. رامواڻي.

ديش جي ورهاڱي کان ڇڳا سال پوءِ رامواڻي صاحب ڀارت ۾ اَچي ممبئيءَ ۾ مُڪيم ٿيو. هن سڄڻ جي اِها خاصيت رهي تہ هوُ صاحب پنگتي، ساهتڪ، سيپتڪ وشين تي لکيل، مقبول اَديبن جا مضمون ۽ مقالا چونڊي معياري مضمون-سنگرهہ ڇپائي ذهين پاٺڪن اَڳيان پيش ڪندو هو. موتيرام رامواڻي صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات ممبئيءَ ۾ ٿي هئي. شري گوپال گربخشاڻيءَ اَسان ٻنهي جي اَدبي خدمتن کان واقف ڪرائيندي، ٻنهين جي وچ ۾ هڪ دوستاڻو رابطو قائم ڪرايو هو.

دادا جيرامداس دؤلترام جي رهبريءَ ۾ سروَ ڀارت سنڌي ٻولي ساهتيہ ڪلا وڪاس سڀا جو هڪ نئشنل سيمينار ممبئيءَ ۾ ٿيو هو، جتي شري رامواڻيءَ سنڌ مان آندل 'رتن جوت' جا بہ ڀاڱا (معياري سنڌي مضمونن جا مجموعا) مونکي اَدبي سوکڙي ڪري ڏنا هئا، جي اَڄ بہ منهنجي شخصي پُستڪاليہ ۾ آهن.

شري موتيرام رامواڻي 'سنڌ ۽ اَسان جو ورثو' ڪتاب جو پهريون ڀاڱو سنہ ١٩٨٧ع ۾ ۽ ٻيون ڀاڱو سنہ ١٩٩۴ع ۾ ڇپارائي ظاهر ڪيا هئا. اِنهن ٻنهين ڀاڱن ۾ سداحيات شاعر، پترڪار، نقاد ۽ راشتر پريمي شري ٻلديو تاراچند

Gul Hayat Institute

گاجرا جي جيون ۽ اَدبي رچنائن تي روشني وِڌل آهي.

شري موتيرام رامواڻي سنه ۱۹۹۱ع ۾ مهان سنڌي نثر نويس سداحيات جيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ جي جيون ۽ ڪاريه تي گهري اَڀياس ڪانپوءِ هڪ يادگار ڪتاب 'جيٺمل پرسرام ۽ سنڌس چونڊ رچنائون' پاڻ ايڊٽ ڪري ڇپرايو هو. هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ - جيٺمل پرسرام هڪ آدرشي اِنسان، هڪ اَديب، پترڪار، نقاد، ۽ ودوان وغيره خصوصيتن جو بيان ڪيل آهي. ٻئين ڀاڱي ۾ جيٺمل پرسرام جون چونڊ لکيتون شامل ڪيل آهن.

مرڪزي ساهتيه اَڪادميءَ طرفان سداحيات ديپچند تلوڪچند ٻيلاڻيءَ جو لکيل ''جيٺمل پرسرام گلراجاڻي - مونوگراف'' به رامواڻي صاحب مون کي بطور اَدبي سوغات ڪري ڏنو هو.

شري موتيرام رامواڻي صاحب سان، ممبئي، دهلي، گانڌيڌام، پُٺي ۽ ٻين ڪيترن هنڌ، مڪاميلا ڪرڻ جا موقعا مليم. ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي روشن آئينده لاءِ ديوناگري سنڌي لپيءَ جو حمايتي، هيءُ صاحب ڪلمڪ، همدرد، هڏ ڏوڪي، اَورچ ۽ سڪ سهيوگ جي اَموليه مورتي هئو. سنه ۱۹۸۳ع ۾ مان دبئيءَ هليو ويو هوس، ۱۷ سال اُتي ماستري ڪيم. اِن وچ ۾ سنه ۱۹۹۷ع ۾ هيءُ سڄڻ راه رباني وٺي ويو.

ꙮ

## موتيرام رامواڻيءَ جا ڇپايل ڪتاب :

(۱) رتن جوت-۱ (۱۹۵۸)، جيوني. (۲) رتن جوت-۲ (۱۹۵۹)، جيوني. (۳) شاهاڻو شاهه (۱۹۸۳)، لطيفيات. (۴) سنڌ ۽ اَسانجو ورثو-۱ (۱۹۸۷)، اِتهاس. (۵) لطيفي رهاڻ (۱۹۸۸)، لطيفيات. (٦) سري اَمر اُڏيرو لال (هوتچند ٽيڪواڻي 'هوت') (۱۹۸۹)، ڪوتا. (۷) سنڌ جي هندن جي تاريخ (صرف مهاڳ) (۱۹۹۰) (پيرومل آڏواڻي)، اِتهاس. (۸) بلديو گاجرا ۽ سنڌس چونڊ رچنائون (۱۹۹۰)، جيوني ۽ ليک. (۹) وحدت سندا واڪ (اوڌوداس وشنداس 'اوڌو' (۱۹۹۰)، ڪوتا. (۱۰) نانڪ يوسف (جيٺمل پرسرام) (۱۹۹۱)، جيوني. (۱۱) ساهتي رهاڻ (جيٺمل پرسرام) (۱۹۹۱)، اَدبي ليک. (۱۲) جيٺمل پرسرام ۽ سندس چونڊ لکيتون (جيٺمل ۽ موتيرام) (۱۹۹۱)، جيوني ۽ ليک. (۱۳) تارا نکت ڪتيون (۱۹۹۲)، ليک. (۱۴) سمنڊ سوجهيل سپون (۱۹۹۳). (۱۵) سنڌ ۽ اَسانجو ورثو-۲ (۱۹۹۴)، اِتهاس.

**- صاحب ٻجاڻي**

Gul Hayat Institute

# جديد دؤر جي اَدب ۾
# شهرت جي سچائي

✍ **ڊاڪٽر غفور ميمڻ**

سهيڙيندڙ : **ايم. وي. پيماڻي** (اونا)

عام طور اَسان وٽ چيو ويندو آهي ته سنڌي اَدب ۾ تنقيد جي کوٽ آهي. گهڻا ماڻهو سمجهندا آهن ته جي تنقيد جي کوٽ نه هجي ها ته اَدبي ميدان ۾ سندن قد-ڪاٺ اعليٰ هجي ها. چو ته سندن پرک ٿي نه سگهي. اصل ڳالهه اِها ناهي، پرک ۽ سُڃاڻپ وارو دؤر مرڪزيت وارو دؤر هو، جنهن ۾ نظريي جي مرڪزيت، اِخلاق جي مرڪزيت، سچ جي مرڪزيت، قدرن جي مرڪزيت، روايتن، ثقافت، نفسياتي هم آهنگيءَ واري مرڪزيت موجود هئي.

هيءُ دؤر مرڪزيت جو ناهي، پر اِنتشار ۽ ڇڙواڳيءَ جو دؤر آهي، جنهن ۾ ڪنهن به فنڪار يا اَديب جي پرک سندس فڪر، فن، سندس خيال، سندس تخيل ۽ محاڪات تي نه ٿيندي. پر هڪ ضرورت مطابق ۽ ٻيو مشهوريت جي بنياد تي ٿيندي، هن عمل کي هائپر ريئلٽي جو عمل چوندا آهن. مثال طور وڏيون پبلشنگ ڪمپنيون ڪتاب يا شخصيت جي مشهوريءَ لاءِ ڪيترا ڊراما مشهور ڪنديون آهن. ڪتاب جي پبلسٽيءَ لاءِ اِهو چيو ويندو آهي ته اهو بيسٽ سيلر جو اعزاز ماڻي چڪو آهي، يا مٿس بندش وِڌي ويندي آهي. يا اُن جي خلاف مظاهرا ڪرايا ويندا آهن يا ان کي مشهور ڪرڻ جا ٻيا جتن ڪيا ويندا آهن. تان جو اهو ليکڪ دُنيا جو اَهم ليکڪ ٿي ويندو آهي. مثال طور ”شيطاني آيتون“ واري ليکڪ کي مشهور ڪري ڪمپنين اَربين رُپيا ڪمايا. ’تسليما نسرين جي ’لجا‘ ناول کي تڪراري بڻائي ڪروڙن جو ڌنڌو ڪيو ويو. اَرونڌتي راءِ کي هينئن ذات جي محرومي جي رومانس جي هيروئن بڻائي دنيا جي اَهم عورت بنايو ويو. وري اَسان وٽ اهو به رومانس آهي ته اَهڙن ليکڪن کي اَسان پڙهيو، ان تي راءِ ڏني، معنيٰ اَسان ايڊيٽ آهيون. ٻاهريون

Gul Hayat Institute

اَدب پڙهون ٿا. جڏهن ته ’وِليم بوروف‘ جي ناول ‘‘Naked Lunch’’ جي مشهوري ٿي نه سگهي. ’ڊيوڊ فاسٽر ويليس‘ جو مشهور ناول ‘Infinite’ اِها مقبوليت ماڻي نه سگهيو، ’ڊان ليلو‘ جي ناول ‘White Noise’ کي ڪا مشهوري نه ملي.

اَهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ناول روز پيا ڇپجن، پر اُنهن ناولن کي نه مقبوليت ملي ٿي ۽ نه ئي انهن جي ڪٿ ٿئي ٿي. ڇو ته تنقيد صحيح ۽ اَڪيڊمڪ طرح نٿي ٿئي. ان ڪانپوءِ هر لکڻ وارو سمجهندو آهي ته اُن جي لکڻيءَ جي پذيرائي اينتري ٿئي جو ڪيس شهرت ملي وڃي. تنقيد جي ميدان ۾ هائيپر ريئلٽي ڪم ڪري ٿي. اَڪيڊمڪ دؤر جو مرڪز ختم ٿي ويو آهي. پر اَڄ جي دؤر جو ويساهه ڪوڙ ۽ سچ جي فرق کي مِٽائي چڪو آهي.

ﮦﮧ

## غزل

✍ اَرجن چاولا

مان ڪجهه به ناهيان پلي، پوءِ به نيٺ ڪجهه آهيان،
تو سمجهيو آهه پلي ڪجهه به، مان اُهو ناهيان.

نراڙ منهنجي تي جا لِيڪ وقت پاتي آ،
اُها جڏهن به مان چاهيان، تڏهن پلي ڊاهيان.

جتي به ٻجليون ڪَڙڪي ڪِرڻ جي ضِد ڪن ٿيون،
مونکي به ضد آ ته مان آشيان اُتي ٺاهيان.

هي منهنجو آهه چمن، شاخ شاخ منهنجي آ،
مان ڇو نه خوب لُڏان جنهن به لام تي چاهيان.

زمانو جئن به لکي وينو سڀ جون تقديرون،
مان پنهنجو حال به، ماضي به، مُستقبل آهيان.

فصل اهو ئي ملندو جا پوک پوکي آ،
لُٽان ڪڻڪ به پلا ڪيئن اَگر رَڙو لاهيان.

مون کي ته قرض جي صورت ۾ زندگي آ ملي،
سو هاڻ چنتا لڳي آهه - قرض ڪيئن لاهيان.

ﮦﮧ



Gul Hayat Institute

# ڪرونا

✍ ماهتاب محبوب

هيڏي ساري وسيع دنيا جيڪا انٽرنيٽ جي ٻوڏ اچڻ ڪانپوءِ سڄي ساري سميٽجي هڪ ڳوٺڙي مثل ٿي پئي آهي تنهن ۾ رهي سهي ڪسر ’ڪرونا‘ پوري ڪري ڇڏي، جنهن جڻ ساري جهان کي ڪنهن ’ٽائيٽينڪ جهاز‘ ۾ واڙي ڇڏيو هجي، جتي اڻ ٽر موت کي سامهون ڏسي هڪڙن پاڻ کي ٽپي پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻيا وري ساز سرندا وڄائي پنهنجي حياتي جيئڻ جا سمورا هٿيار اڇلائي، موت آڏو سينو ساهي ايسيتائين بيٺا رهيا جيسيتائين پاش پاش ٿي ويل جهاز سوڌو سمنڊ ۾ غرق نه ٿي ويا .... اڄ سارو لوڪ ان ٻڏندڙ جهاز واري سچوئيشن ۾ وڪوڙجي ويو آهي. حياتي بچائڻ واريون بي انت ڪوششون جاري آهن، صفائي سٿائي رکڻ ته هونءَ به چڱي ڳالهه آهي جنهن موجب اهڙين حالتن کي منهن ڏيندي قسمتي ماڻهو ڪٿي بچي به پئي ته به ڇهري جي ٿي زون کي ٽچ نه ڪرڻ ۽ هر هر هٿ ڌوئڻ واري نفسياتي بيماري ’آبسيشز ڪمپلسر‘ ۾ مبتلا ٿيڻ کان شال بچي سگهي .... وبائي بيماري ’ڪرونا‘ ڪا مذاق ناهي بلڪ اڳ ۾ به آيل ڪيترن ئي وبائي آفتن آڏو ڪيڏو نه بيوس ۽ لاچار بڻجي ٿو پئي، ان متعلق لطيفا جوڙي نيٽ ذريعي هڪ ٻئي ڏي فارورڊ ڪرڻ مناسب ناهي مٿان وري ڏهڪايل ڏکويل ماحول ۾ ان تي طويل ترين نصيحتن واري هيڪاندي وائظي ۽ وظيفي ۽ بيانن توڙي ليڪچرن جي يلغار واري مٿا سٿا ماڻهن کي ويتر توائي ڪري رکيو آهي. اهڙي ٻوساٽيل هراسيل ماحول ۾ دل وندرائڻ ۽ معروف رهڻ جا ڪئي صحت مند طريقا آهن، سمارٽ فون ته هونءَ ئي هر ڪنهن جي هٿ ۾ هوندو ئي هوندو آهي پر رڳو ان تي وقت وڃائڻ بدران اهڙي مهلن تي هڪ ٻئي جو ڏڍ ۽ سهارو بڻجي وقت سر ان جي هر ممڪن واهر ڪرڻ ته ڳڻ بي ايمانين، ملاوٽن ۽ ذخيره اندوزي جهڙي لعنتي ڪمن کان هميشه لاءِ هٿ ڪڍي جڻ پنهنجو پاڻ کي جيئارڻ آهي تڏهن ئي وڃي ڪجهه دلي سڪون حاصل ٿئي ٿو. هونءَ به حياتي ۽ موت قدرت جي وس آهي.

ꕤꕥ



Gul Hayat Institute

# خان محمد پنهور

✍ قاضي خادم

انسان قدرت جي هڪ اهڙي تخليق آهي، جنهن کي سمجهڻ جي دعويٰ ڪو به نه ڪري سگهيو آهي. ڪي انسان بظاهر ڏاڍا خوش خلق، ڪلمُک ۽ بااخلاق نظر ايندا آهن پر مخصوص حالتن ۾ هو ان جي بلڪل برعڪس ثابت ٿيندا آهن ۽ ڪي وري ڏسڻ ۾ سنجيده، ڪم گو ۽ گهٽ ميل جول رکندڙ هوندا آهن، پر جڏهن ڪنهن سان لهه وچڙ ۾ ايندا آهن ته بلڪل بدليل انسان نظر ايندا آهن.

خان محمد پنهور به اهڙن انسانن مان هڪ هو. ڪم گو سنجيده، بااخلاق، پرخلوص، ٻين کي ڪم ايندڙ پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ بلڪ ڏينهن رات ڪم ڪندڙ ۽ ڪنهن سان تڪو ٽي نه ڳالهائيندڙ. ڪڏهن ڪڏهن ته هن جو پرخلوص انداز بيزار به ڪري وجهندو هو.

انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن اجان سپر هاءِ وي ۽ ايئرڪنڊيشنڊ ڪوچ عام نه ٿيا هئا ۽ اسين هر آچر يا موڪل واري ڏينهن ڪراچيءَ ويندا هئاسين، جتي ريو ريڪس، ڪيپيٽل ۽ بمبينو ۾ بهترين انگريزي فلمون لڳنديون هيون، وجي ڏسندا هئاسين. ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ واري دؤر ۾ يا وري اڳتي ادبي زندگيءَ ۾ پير پائڻ کان پوءِ آئون. غلام نبي مغل، طارق اشرف ۽ ٻيا دوست نوري ريل ڪار ۾ واپس ورندا هئاسين. خرچ ايندو هو اٺ روپيا اوٺ موٽ ٽڪيٽ. صدر اسٽيشن کان ايلفيءَ تائين ٽرام جو آڌيو ۽ پوءِ پيراڊائيز سئنيما جي سامهون بيريڪس ۾ نئين زندگيءَ جي آفيس، جتي شمشير اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو هو ۽ مولانا عبدالواحد سنڌي ايڊيٽر هوندو هو. اهو هو هيڊ ڪوارٽر پوءِ اتان شهر جو چڪر، فلم ڪڏهن ڪلوپيٽرا، ڪڏهن انسپيڪٽر، لارنس آف عريبيا، بن هُر، بلو هاٽ بلو ڪولڊ، سمر آف فارٽي ٽو، ٽو وومن، وومن آف روم، ڊاڪٽر زواگو ۽ ڪئين ڪلاسيڪل شاهڪار ڏسڻ جو موقعو مليو. شام جو وري ريل ڪار ۾ اسين.

Gul Hayat Institute

اهڙي ئي هڪڙي موقعي تي آئون جيئن ئي نئين زندگيءَ جي آفيس ۾ ويس تہ هتي مون کي هڪ نئون چهرو نظر آيو. قد جو ٺيڪ ٺاڪ، سنهڙو، سانورو، قرباڻتو انسان، شمشير ڪيڏانهن ويل هو هن مون کي زوريءَ ويهاريو ۽ چانهہ گهرايائين. منهنجو خيال هو تہ آئون وڃي امر جليل ۽ ٺاڪر شرما، اقبال جتوئي، يوسف شاهين ۽ ٻين دوستن سان ملاقات ڪري اچان پر همراهہ اصل ڇڏي ئي نہ. چوي، ”بس اجهو شمشير صاحب آيو ڪي آيو. ويهو تہ سهي، ترسو تہ سهي. ڀلا ٻيو ڪجهہ گهرايان.“ بهرحال ڏاڍو بيزار ٿيس پر هن جي خلوص کي ڏسي مجبور ٿي پيس ۽ شمشير آيو بہ پنجين وڳي، سو سڄو وقت اتي وڃائي واپس ٿيس ريل ڪار ڏانهن. هيءُ منهنجي خان محمد سان پهرين ملاقات هئي، جيڪا پوءِ اصل ياڻپيءَ ۾ بدلجي وئي. هن جا ڪم وڏندا ويا. فنڪشن ڪرائڻ جو شوق ۽ مون ڪانسواءِ قدم نہ کڻي. ڳوٺ سڏار، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين بزرگ سياستدانن جون سوسائٽيون ونڌي ٺاهيائين ۽ ايترو ڪم ڪيائين جو هڪ دفعي مڪليءَ تي مرحوم غلام مصطفيٰ شاهہ اسان جي سامهون چيس تہ ”اها سامهون جيڪا عمارت آهي، مون توکي ڏني تہ جيئن تون شيخ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊميءَ لاءِ ڪم ڪرين.“ ان دوران هو يونيورسٽيءَ ۾ اچي نڪتو ۽ صحافت جو شعبو کولڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ لڳو جنهن ۾ هن جو بنيادي ساٿي آئون هئس. پوءِ عزز شيخ ۽ جوهر حسين بہ اچي گڏيا ۽ هن جون ئي ڪوششون هيون جو اهو عظيم شعبو جو هاڻ ماس ڪميونيڪيشن بڻجي چڪو آهي، وجود ۾ آيو پر قانون جو ڇا ڪجي؟ خان محمد سيڪنڊ ڪلاس ايم اي، سو ليڪچرر ڪان چڙهي ئي نہ. سندس شاگرد اسسٽنٽ پروفيسر ٿي ويا پر هو اتي جو اتي رهيو. مجبور ٿي پي ايڇ ڊي ڪيائين ۽ ان عذاب مان ڇٽو پر اسين قانون تي هلندڙ ڪڏهن بہ اهو ڪونہ سوچيندا آهيون تہ اسان جي عملن جي اڏوهي ڪئين انسانن کي اندر ئي اندر ۾ کوکلو ڪري ٿي ڇڏي. خان محمد مون سان ڪڏهن ڪڏهن دلين جون ڳالهيون اوريندو هو تہ آئون چوندو هوس انس تہ ادا هومر هڪ فقير هو. جنهن جو نالو بہ اجان ڪنهن کي معلوم ڪونهي، جو يونانيءَ ۾ هومر معنيٰ انڌو. ايسپ هڪ ڪٻڙو هو جو يونانيءَ ۾ ڪٻڙي کي ايسپ چون. شيڪسپيئر هڪ اداڪار هو ۽ شاهہ لطيف ڪنهن مدرسي جو منهن بہ ڪونہ ڏٺو پر اڄ بہ دنيا ۾ لکين انسان انهن جي نالي جو

Gul Hayat Institute

ڪٽيو پيا ڪائين. تون دل نہ لاهہ. ڇا ڪجي هن وقت ۾ علم ڪان وڌ ڊگريءَ جي ضرورت آهي. ان ڊگي جيان جيڪو نار ڪي ڪونہ هلائيندو هو ۽ صرف ڪنڌ ڌوڻي گهنٽي وڄائيندو هو. توں بہ ڪندو رهہ.

اخبارن جا خواب. رسالن جا خواب. انجمنن جا خواب. سنڌ ڪي سرسبز ڏسڻ جا خواب. هاريءَ ڪي حق ڏيارڻ جا خواب. ايترا تہ گهڻا خواب ڪٽي اکين ۾ وڌائين جو هاڻ وڌيڪ بار سهڻ جو نہ رهيو.

مون کي اڪيڊمي آف ليٽرز جو اهو اجلاس ياد آهي. جڏهن اسين ٻئي صبح جو اسلام آباد ۾ هڪ پنڊال ۾ ويٺا هئاسين. وزيراعظم محمد خان جوڻيجو سيني سان هٿ ملائي اڳتي پئي آيو. خان محمد اُڪير مان وڌي مليس ۽ جواب ۾ جڏهن ڪيس وزيراعظم جي اکين ۾ سڃاڻپ جا نشان بہ نہ مليس تہ ڏاڍو شاڪ رسيس. هر هر چئي، يار جوڻيجو صاحب بہ منهنجو دوستن وانگر هو الائي ڇو نہ سڃاتائين. مون چيومانس تہ "هن جون نظرون شايد توتي ڪونہ پيون." پر همراهہ اصل نہ مڃي ۽ انهيءَ جي ٻئي ڏينهن هوٽل ۾ مون بيري کي ماني ڪمري ڏانهن ڪٽي ويندي ڏٺو. پڇڻ تي چيائين تہ "سنڌ مان آيل هڪ مهمان بيمار ٿي پيو آهي." وڌيڪ پڇڻ تي خبر پئي تہ خان محمد کي بخار ٿي پيو آهي. افسوس، مون کو ڏيان ڪونہ ڏنو. مون کي خبر ڪانہ هئي تہ هن جي دماغ تي ڪو اثر ٿي ويو آهي، جيڪو ان رات تائين پڌري پٽ ظاهر ٿي پيو.

هن جي آخري بيماريءَ جي اها شروعات هئي. هو نهايت حساس ۽ غيرتمند هو جن کي پنهنجن عملن سان نالو ڏيارڻ ڏيارڻ ڏيارڻ

آخرڪار هي غيرتمند، محنتي ۽ صاف دل انسان هن دنيا مان هليو ويو پر اڄ بہ آرٽس فيڪلٽيءَ جي سنڌي شعبي ڏانهن ويندڙ ڏاڪڻين تي چڙهندي ڪڏهن مون کي لڳندو آهي ڄڻ هو مون سان گڏ هلندو هجي ۽ چوندو هجي تہ "قاضي صاحب، مضمون جلدي ڪپي، پارس پريس ۾ آهي، مجيد کي پهچائي ڇڏجو ان ڪانسواءِ پرچو نہ ڇپبو." ۽ آئون سوچيندو آهيان، "هر پرچو پنهنجي وقت تي ڇپجندو، اهو ڪنهن قاضي خادم جو انتظار نہ ڪندو پر ها، جيڪڏهن خان محمد نہ هوندو تہ شايد نہ ڇپجي سگهي."

("ڊاڪٽر خان محمد پنهور: هڪ عملي انسان" ڪتاب ۾ لکيل)



Gul Hayat Institute

فلمي جڳت-

# اعليٰ اَداڪار - گوپ ڪملاڻي

✍ قاضي خادم

.... بازار ۽ پتنگا فلمن جو هيرو شيام ۽ هيروئن ان وقت جي تمام مشهور اَداڪاره ۽ نگار سلطانه هئي ليڪن هنن فلمن کي گوپ ۽ يعقوب جون فلمون چئبو هو. جيئن سگائي پريم ناٿ ۽ ريحانه جي فلم هئي، پر گوپ ۽ يعقوب جي فلم طور مشهور هئي. هي فلمون پنهنجي خوبصورت گانن ۽ دلچسپ ڪهاڻيءَ جي ڪري اَڄان تائين تمام گهڻي شوق سان ڏسندو آهيان. خاص ڪري بازار جو گانو ”ساجن ڪي گلياں چوڙ چلي“ ۽ پتنگا جو ”ميري پيا گئي رنگون وهان سي ڪيا هئه ٽيليفون“ ته اَڄ به نهايت مقبول گانا آهن.

هي فلمون ٿئيٽر جي موضوع تي ٺهيل آهن، جيڪو ان وقت جو پسنديده موضوع هو. ٻئي طرف يعقوب جيڪو ان کان اَڳ ناديا جي مار ڌاڙ واري فلمن ۾ لالا يعقوب جي نالي ايندو هو، تنهن جي اَداڪاري به ڏسڻ وٽان هئي. جڏهن ته گوپ جيڪو هڪ سنڌي هوندي به هندستاني فلمن لاءِ اَڻ ٽر حيثيت رکندڙ هو. مرزا صاحبان، گهر جي عزت، ترانا، نگينا، ڪالي گهٽا، خزانا، ساقي ۽ اَلف ليليٰ جهڙين فلمن ۾ هن جا ڪيل ڪردار ڪڏهن نه وسرندا. هن جون ڪي فلمون ته لاجواب آهن. خاص ڪري فلم ’چوري چوري‘، جنهن ۾ نرگس، راجڪپور، ڀڳوان، جاني واڪر ۽ ڊيوڊ جهڙن اَداڪارن ڪم ڪيو آهي. اُن ۾ نرگس جي پيءُ سيٺ صاحب جو رول جهڙو گوپ ڪري سگهيو آهي، اَهڙو شايد ئي ڪو ٻيو اَداڪار ڪري سگهي ها. ساڳئي طرح فلم ’خزانا‘ ۾ مڌوبالا جي پيءُ جو روپ به هن جي اَداڪاريءَ جو مثال آهي. انهن مان ’چوري چوري‘ ڪلارڪ گيبل جي فلم (It happened one night) ۽ ’خزانا‘ (King Soloman's Mines) تان ورتل هيون، ليڪن نقل تي اَصل جو گمان ٿئي ٿو.

آرزو، ايڪ نظر، هنگاما ۾ به هو پنهنجي اَداڪاريءَ جي اوج تي آهي. هن جو اَصل ڪارنامو ته اهو آهي ته ڪيترين فلمن جهڙوڪ مرزا صاحبان، آرزو، ترانا وغيره ۾ وِلين جو ڪردار اَدا ڪيو اَٿس، پر اُن ۾ به مزاح جو رنگ

پري ڇڏيو اَٿس. هڪ طرح سان هو سنڌي فلمي اَداڪارن جن ۾ راج آسراڻي، شيلا راماڻي، ساڌنا شِوداساڻي وغيره شامل هئا، تن ۾ نمايان حيثيت رکندو هو. مون کي ته هن تي ’ساقي‘ فلم ۾ فلمايل هيُ گانو وسري ئي نٿو : ”حسينا سنيل سنيل کي چل، پڙ نا جائي ڪمر مين بل“. هيءَ فلم Thief of Baghdad تان ورتل هئي پر ٻاراڻي عمر کان اَڄ تائين جڏهن به ڏسندو آهيان ڪنهن حيرت اَنگيز دنيا ۾ پهچائي ڇڏيندي اَٿم. اِئين هن جون ڪئين اَهڙيون فلمون به هاڻ ذهن جيڪي اَڳي ٻُڌل به نه هيون.

هاڻ جڏهن نيٽ تي پراڻيون فلمون ڏسان ٿو ته هن جي گذاري وڃڻ پڄاڻان ڪيتريون اَهڙيون فلمون فلمستان ۽ ٻين ادارن طرفان ٺاهيون ويون آهن، جيڪي هن جي نالي اَرپيل آهن. هن عظيم اَداڪار جو موت به عجيب طرح ٿيو هو. هو هڪ فلم ’تيسري گلي‘ جي شوٽنگ ۾ ڪِري مرڻ جو رول اَدا ڪري رهيو هو ۽ اُتي ئي موت جي اداڪاري ڪندي گذاري ويو.

گوپ جون تمام گهڻيون مشهور فلمون هيون ليڪن هن جي جوڙي يعقوب سان ٺهي. هي اهي اداڪار هئا، جن اَسان کي انساني زندگيءَ جا ڪئين رُخ ڏيکاري ڇڏيا. ڏک کي مزاح ۾ تبديل ڪري جيئڻ کي آسان بڻائڻ ۾ هنن اَداڪارن جو وڏو هٿ هو. هنن ٻڌايو ته مزاح اصل ۾ ڏک جي پوشاڪ آهي، پر اها به حقيقت آهي ته ڏاهي جو مزاح ڏک کي لڪائي ٿو ۽ ڏکي دلين کي ڪجهه وقت لاءِ ڏک کان آجو ڪريو ڇڏي. بيوقوف جو مزاح ماڻهن کي ڏڪوئي ٿو، تڏهن ته شيڪسپيئر چيو آهي ته :-

It is better to be a witty fool than a foolish wit.

هنن وانگر راجکپور جهڙن عظيم اَداڪارن به ڏک کي لڪائڻ ۽ جيئڻ جا رستا تلاش ڪرڻ لاءِ مزاح جو پوش اِستعمال ڪيو ۽ دلين تي اَڻمٽ يادون ڇڏي ويا.

**(ليکڪ جي ’اَڏورو داستان‘ (يادگيريون) ڪتاب تان ڪوريل.)**

Gul Hayat Institute

(”اَڏورو داستان“ (يادگيريون) - ليکڪ : ڊاڪٽر قاضي خادم - ڊيمي سائيز - صفحا 304 - قيمت 500 رُپيه - سال 2018 - پڪو ڀورنگي جلد - ڇپائيندڙ : ڪويتا پبليڪيشن، 9، رُبي چيمبر، ڪورٽ روڊ، حيدرآباد، سنڌ - ٽيليفون : 2728541-22-92+ - ڪتاب جو عالمي نمبر : ISBN 978-969-717-001-2)

# سنڌي ڀاشا

## ✍ ايسر سنگهه بيدي

### سنڌي اکر ـ سنڌي لپي ڇو سکون؟

١. ديش جي آزاد ٿيڻ کان اَوَل سنڌيءَ ۾ سنڌي اکرن اَلف-بي واري سنڌي لپي ئي هلندڙ هئي.

٢. اَسانجي وڏن اَبن ڏاڏن پرڏاڏن بہ سنڌي اکرن (اَلف-ب) واري لپيءَ ۾ ئي تعليم حاصل ڪئي آهي.

٣. اَسانجي قيمتي اَصلي جهوني اِتهاس جا گرنٿ پستڪ سمورو ساهتيہ سنڌي اکرن اَلف-ب واري سنڌي لپيءَ ۾ ئي موجود آهي.

۴. اَڄ جي موجوده حالتن ۾ پڻ اَسانجي سُڃاڻپ سنڌي اکرن (اَلف-ب) واري لپيءَ سان ئي آهي.

۵. اَڄ بہ سنڌي لپيءَ ۾ ئي سنڌي رسالا، ڪتاب مخزنون وڏيڪ اَنداز ۾ شايع ٿي رهيون آهن جي پڙهي سگهجن ٿيون.

٦. سنڌي لپيءَ ۾ ۵٢ اکر سيني لپين کان وڌيڪ آهن جنهنڪري اَسين بلڪل شڌ صاف اُچار ڪري سگهون ٿا.

٧. سنڌي لپيءَ ۾ لکڻ پڙهڻ سان اَسين سنڌي ڀاشا ڳالهائڻ ۾ بہ ماهر يعني هوشيار ٿي سگهنداسين.

٨. سنڌي ٻوليءَ ذريعي اَسين ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويندي پاڪستان ۽ وديش ۾ رهندڙ متن مائٽن، رشتيدارن، يارن دوستن سان سنبنڌ جوڙي قائم رکي سگهنداسين.

(قومي ٻارِي، ٢۴ فيبروري ٢٠٢٠)

### سنڌي ڀاشا ڪي ڪاٽ هٽندڙ ڪير؟

اَڄ بہ بزرگ سنڌي ڀائر سنڌي لپيءَ ۾ شايع ٿيندڙ اخبارون مخزنون ڪتاب وغيره گهڻي چاهه سان پڙهندا آهن باقي سنڌيت جا نعرا هڻندڙ پاڻ کي سنڌيت جا پريمي سڏائيندڙ ڪيترا جوان ۽ سنڌي سنستائن جا بانيڪار عهديدار اَڳوان سنڌي اکر لکڻ پڙهڻ جاڻن ڪونہ. نکي سِکڻ ۾ ڪو چاهہ ٿا وٺن. ايتري قدر جو جلسن ۾ اِسٽيج تي ٽنگيل بئنرن ۾ سنڌي اکرن ۾ سنستا جو نالو ۽ جلسي بابت هڪ سٽ هڪ اکر بہ لکيل ڪونہ هوندو آهي. نيند پتر بہ سمورا سنڌي لپيءَ ۾ ڪونہ آهن، جن مان پريان

Gul Hayat Institute

ئي پتو پوي تہ هيءُ سنڌي جلسي، سماروه جو ڪاريہ ڪرم آهي. ڪيترو نہ سنڌي ڀاشا کي هو نقصان پهچائي رهيا آهن. دير آيا درست آيا. هاڻي بہ بانيڪارن کي پنهنجي غلطي سڌاري اڳتي لاءِ صحيح قدم کڻي سنڌي اکرن ۾ بہ هڪ پاسو نيند پتر ڇپيا وڃن ۽ اِسٽيج جي بئنر تي سنڌي اکرن ۾ سنسٿا ۽ ڪاريہ ڪرم بابت لکيو وڃي.

(قومي ڀارِي، ٢٧ جنوري ٢٠٢٠)

## سنڌي ڀاشا ۽ سُڃاڻپ ڪيئن قائم رکجي

ڀارت ۾ سنڌي الڳ الڳ پرانتن ۾ وسيل آهن. سڀاويڪ اٿي جي مڪاني ڀاشا سکي ويا آهن ۽ پنهنجو ڪاروبار هلائي رهيا آهن. البت راجسٿان، گجرات، مڌيہ پرديش، دهلي، ممبئي، مهاراشٽر، يو.پي. ۾ سنڌين جي گهڻائي ۽ ڪالونيون آهن جتي سؤلائيءَ سان پاڙ ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا ڪندا آهن. جيئن تہ باقي پرانتن ۾ بينگال، اوڙيسا، چينئي، پنجاب وغيره پرديشن ۾ سنڌين کي گهرجي تہ پاڙ ۾ ۽ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهہ ٻولهہ ڪندا رهن. موبائيل، فون تي مٽن مائٽن سان بہ سنڌين سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائي سنڌيت جو جذبو قائم رکي پنهنجي زنده دلي، عقلمندي، دورانديشي جو ثبوت پيش ڪندا رهن. ان سان ديش جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سڃاڻپ قائم رهندي ايندي.

(قومي ڀارِي، ۴ نومبر ٢٠١٩)

## سنڌي ڀاشا جي آهي سنڌي لپي

ڀارت جي هر قوم کي شروع کان ئي پنهنجي ڀاشا جي لپي آهي. ڪيترين ئي حڪومتون بدليون پر لپين ۾ ڪنهن بہ طرح جو بدلاءُ ڪونہ آيو. فقط سنڌي قوم ئي آهي جنهن ورهاڱي ڪانپوءِ ڀاشا جي لپيءَ جو ورهاڱو ڪري رکيو آهي. حالانڪ سنڌي لپي (اَلف-ب) واري اَٽڪل هڪ سؤ سالن کان هلندڙ آهي جنهن ۾ اَسانجي وڏن اَبن ڏاڏن تعليم حاصل ڪئي ۽ اُن لپيءَ سان ئي وڏن وڏن عهدن تي پهچي مانُ مرتبو حاصل ڪيو ۽ گيانوان تعليمدان بڻيا. اَڄ اُنهن جا پويان ورهاڱي بعد ٻوليءَ جو بہ ورهاڱو ڪري خود ئي پنهنجن پيرن تي ڪُهاڙو هڻي پنهنجي هستي وڃائي رهيا آهن. پاڙ کي نقصان پهچائي رهيا آهن. ٻن لپين جي جهڳڙي ۾ نئين پيڙهي مرڳو ئي سنڌي ٻولي لکڻ پڙهڻ توڙي ڳالهائڻ کان بہ ڪنارو ڪري رکيو آهي. شل سنڌي ڀائر-ماتائون-ڀينرون پنهنجي غلطيءَ کي سڌارين ۽ سنڌي ڀاشا (اَلف-ب) لپيءَ ۾ شروع ڪيل غلطيءَ کي سُڌارين. اَهڙيون آشائون اُميدون رکجن ٿيون.

(قومي ڀارِي، ٣٠ سيپٽمبر ٢٠١٩)

('سنت ڪنورام ويڪلي'، اَجمير تان ورتل)

Gul Hayat Institute

# ڪتابي سمالوچنا

✍ نند ڇڳاڻي

## (1) ”مرڻ جيئڻ کي ڪائي معنيٰ ڪانهي“ (ناول)

ناول نويس : **آنند کيماڻي**

ڊيمي سائيز، صفحا 130، قيمت 300 رُپيا، سال 2019، ڇپائيندڙ : ليڪ پاٿ، بلاڪ B-1-A، فليٽ 47-B، جنڪ پوري، نئين دهلي - 110058، موبائيل : 9871415939، اِي-ميل:akhemani933@gmail.com

آنند کيماڻي سنڌي ساهتيه جي پوسٽ ماڊرنزم واري قطار ۾ اَوَل آهي. هونءَ هيءَ قطار ڊگهي ڪونه آهي، پر جڏهن ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻي - دهلي يونيورسٽي ۽ راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد - دهلي پاران ان وشيه ’سنڌي اَدب ۾ پوسٽ ماڊرنزم‘ تي سيمينار سڏايو ته هن ڳٽپ جيترا حال حيات ساهتڪار لڌا. انهن ڪاميابيءَ سان سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل ساهتيه مان پوسٽ ماڊرنزم انش مئدان ۾ آندا. آنند کيماڻي صاحب ان ۾ اَڳرو رهيو. آنند جو هن ناول سوڌو گهڻو ڇپيل ساهتيه ان ذمري ۾ اَچي ٿو. ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي ان سيمينار ۾ پيش ڪيل سمورا پيپر - ’سنڌي اَدب ۾ بعد جديديت‘ (Post Modernisim in Sindhi Literature)، 2011، سمپادڪ طور NCPSL پاران ڇپايا.

ورهاڱي کان اَڳ جو ناول ’چترليکا‘ (ليک ڀڳوتي چرڻ ورما - ترجمو ديو سپاڻي، 1947)، جيڪو سنڌ ۾، 1983 ۾ رشيد ڀٽيءَ، اَنگريزيءَ تان ترجمو ڪري ڇپايو، اُن جي مکيه نائڪا چترليکا - هيءُ ناول پڙهندي تازو تري آئي. من ۾ اهو خيال ضرور رهندو هو ته سنڌيءَ ۾ چترليکا جهڙي نائڪا ڪو ڏئي نه سگهيو آهي ... پر آنند جي جمنيءَ - جمنا ڀاسڪر اُن جون ڪجهه سڪون لاٿيون. ٻنهي ناولن جو ماحول بلڪل اَلڳ آهي. چترليکا ۾ پوترتا ۽ شاهاڻي شان شوقت آهي، هن ناول ۾ اُگهاڙا آواز آهن. ڪن صفحن ۾ ته ”ڪليل چم چٽ، هر طرح سني خراب رشتي جي بيباڪ قبوليت آهي.



Gul Hayat Institute

اَڄڪلھ زندگيءَ جي اَٽانگي راھ ۾ جمني جھڙي بولڊنيس ضرور اَنگ آهي. پر سڀ تہ ايتري خودضابطي وارا ڪردار ڪونہ ملندا. ناول پڙهندي جسماني اَثر ڪان آجو نٿو رهي سگهجي. چترليکا ۾ اَحساساتي اَثر آهي. روح کي گرفت ۾ آڻي ٿو.

تيرٿ وسنت جي اَکرن ۾ ”جيڪڏهن ڪو ساهتڪار پنهنجي ڪلا دوارا اَسانجي حسن حواس کي تيز ڪري اَسان ۾ ڪو نئون ذوق، شوق، جلوو جمال ۽ نور پئدا نٿو ڪري تہ سندس پورهيو اَڪيارٿو ليکبو آهي. ... اِن لاءِ لازمي آهي تہ ڪلاڪار زندگيءَ جي اَپورڻ آڪارن ۾ اَهڙو رس ڀري، جو هڪ وار اَڻاسي مٽيءَ مان بہ گُل غنچا نسرڻ لڳن.“

ليڪ سمجھ جي حد ٽپي وڃڻ وارا واقعا ڏيڻ کان پاڻ روڪي نہ سگهيو آهي. صفحہ 25/26 - ننڊ ۾ بہ پاڪر پيڙو تي لڳ Rape ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ڪيس نہ جاڳ ٿي آ ۽ نہ وري جاڳ ڪانپوءِ ياد ٿي اَچيس. اَلائي اها ڪهڙي بيماري آهي؟ نہ ٻُڌي نہ ڏٺي. اَوشواس زور ٿو پڪڙي. ناول جي پڇاڙيءَ ۾ ماڌو سنگھ سولنڪي - جمني جو چِڏيل - طلاق شُدہ گهوٽ - سڄي ناول ۾ ڪٿي بہ ايترو همت ڀريو ڪونہ ڏيکاريو اَٿس جو پڇاڙيءَ ۾ زيرو پائنٽ تان پنهنجي پستول مان گوليون ٿو هڻي ۽ نرنجن بہ چار گوليون کائڻ ڪانپوءِ بہ جمني پاسکر لاءِ زنده ٿي ٿو اُٿي. لڳي ٿو ليڪ جي اها هتراڌو سين (نظارو) آهي جيڪا ناول جي زنده دليءَ کي ضرب ٿي رسائي. ليڪ شايد پڇاڙيءَ جو اَچي مُنجهي پيو آهي ۽ يڪدم پردو ڪيرائي ٿو ڇڏي. عمر جي تفاوت تي نرنجن ۲۸ سال، جمني پاسکر ۴۵ سال - ۱۷ سال وڏي - شادي شده - طلاق ورتل - هڪ پٽ سڀ معلوم هوندي بہ نہ فقط نرنجن هرڪ ٿو هاري پر سندس ماتا-پتا ٻئي ڀوپال ۾ نالي وارا ڊاڪٽر بہ محسوس ٿا ڪن تہ نرنجن صحيح هٿن ۾ آهي! جمنيءَ جي شاعري ٻڌڻ ڪانپوءِ لکيو اَٿس، ”ڪوتا ۽ ڪامني ٻئي منهنجي نسن کي ڦنڊائي ڇڏينديون هيون. ساراهيندڙن جي ڀيڙ جي سرمور هئي.“

Gul Hayat Institute

سڄي ناول ۾ جمني ۽ نرنجن محدود ڪردارن کي وري وري پڙهندي ناول هڪ ڪهاڻيءَ جو تاثر ڏئي ٿو. جمني جي فرض اَدائي، پاڻ تي ڪنٽرول، ضابطو، فئملي لائيف، سوشل اُٿ ويھ، يارن سان بہ پوري تہ گهر ۾ سدوري - وِرلي وڏ ڀاڳيءَ کي اَهڙا گڻ عطا ٿيندا آهن. نرنجن جا چست ڊائلاگ ڏيان ڇڪائين ٿا پر آنند جي

ٻين ڪهاڻين ۾ ناولن ۾ ساڳئي ڪردار کي ور ور پڙهڻ ڪري واه واه نٿي نڪري. ڌهراءُ ڌهرم ٿو رسائي! ليکڪ تي نوٽ - ناول نگار لاءِ اهو خلاصو ڪري ٿو ته هو بلڪل سڄاڳ آهي ته ”ليکڪ کي پنهنجي فني تخليقي صلاحيت ۽ قابليت جي ڀرپور ڄاڻ آهي. اُن ۾ ڪيس گهمنڊ نه پر وشواس آهي.

## (2) ”ڪچارو ڪهاڻ“ (ڪوتائن جو مجموعو)

**شاعرا : پروفيسر سريتا شرما**

ڊيمي سائيز، صفحا 92، قيمت 200 رُپيا، سال 2019، پبلشر : ديوداس شرما ’ساگر‘ - B-501، ائٽلانٽا - هيرانندڊاڻي اِسٽيٽ - ٿاڻي (ويسٽ) - 400607، ليکڪا جي اَيڊريس به ساڳئي - موبائيل : 9867550496، فون نمبر : 022-40125110

سڄا سارا ٢١ سال - آر.ڪي. تلريجا ڪاليج ۾ سنڌي ۽ هندي هن شاگردن کي پاڙهي آهي. اهو ڪاليج جتي سنڌي ساهتيه جو رچ مڙس مايناز پروفيسر هيرو شيوڪاڻي پرنسيپال هو. پوءِ به ”منهنجي طرفان ...“ ۾ لکي ٿي - ”مان نه شاعرا آهيان نه ڪويتري ...“ سچ ته گياني هئڻ جو پهريون ڏاڪو اهو آهي. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي سنڌي اَدب ۾ ٻال ساهتيه جو جهنڊو جهولائيندڙ مهاڳ ۾ لکي ٿو ته ”ڪيس انوادڪا سنڌيڪار طور ساهتيه اَڪاديمي جو انعام به عطا ٿي چڪو آهي ... سريتا شرما جون ڪوتائون پڙهڻ سان اِئين لڳي ٿو ته هن وقت حساس دل آهي. آسپاس جي دنيا کي نه صرف ڏسڻ پر اُن جو اَنيڪ ڪرائڻ جو ڏانءُ آهي. هيءُ مجموعو ان جو هڪ مثال سمجهڻ گهرجي.“ مايا راهي ڪَٿ ڪندي لکيو آهي، ”سريتا جي شاعري، بنان ڪنهن روڪ ٽوڪ، بندش يا پابنديءَ جي چنچل سريتا جيان، آزاد من چاهي موڄ سان چلندي ۽ جهومندي، جهومائيندي پنهنجي آزادي ۽ آنند منائيندي، ويچار ورهائي ٿي. (صفحو ٥)

سندس نئديون نئديون ڪوتائون گَهرائيءَ جو آنند ڏيون ڏين. ”پاڻ سان ملڻ“ (٧٦) - مدت ٿي وئي / پاڻ سان مڪاميلو ڪئي / اَڄ سوچيم / هڪ ڀيرو / مِلان پنهنجو پاڻ سان / پر / هي ڇا ٿيو! مان ته

ڪٿي آهيان ئي ڪانہ / منهنجي وجود جا / اَلائي گهڻا حصا ٿي ويا هئا / مان ڪٿي / ڪانہ هئس.'' پاڻ فنا ڪرڻ، پنهنجي وجود جا ٽڪرا ٽڪرا سمجهڻ ڪنهن پريپورڻ شخصيت جي نشاني آهي.

گل ۾ ڪنڍا ۾ ڏسو ڇا ٿي چوي - ''هيءُ ڇا / بہ چار قدم ڪٽڻ سان / آئي منزل / مزو تہ آهي / جڏهن پير چلجن ۽ اُهو / سور سيني تائين وڃي / راهہ ۾ رهو / گل ئي نہ هجن / پل هجي ڪو / ڪنڊن وارو پيچرو / جيئڻ جو تڏهن آهي مزو.'' دک سک ۾ ساڳئي حالت گيتا جي گيان جو پڙاڏو آهي. اِئين سندس ڪيتريون ننڍڙيون ڪوتائون 'جوڙ ڪٽ'، 'ڇا ڪريان'، 'من' وغيره ڪتاب پڙهڻ لاءِ لالچائن ٿيون. ڪٿي بہ شوڪ - ماتمي شعر - ڪوتا ڪونہ آهي. 'ساموندي زلزلو' ۾ بہ قدرتي قهر ڪانپوءِ هوءَ پرپوءَ کان صبر لاءِ داد ٿي گُهري.

## (3) ''سنڌي ڇند - عروض جو هئنڊ بُڪ''

ليکڪ : واسديو موهي - سمپادڪ : ڊاڪٽر پرتاپ پنجاڻي، ڊئريڪٽر، NCPSL،

ڊيمي سائيز، صفحہ 300، قيمت 220 رُپيہ، سال 2019، ڇپائيندڙ : ڊئريڪٽر، راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، نئين دهلي - مِنسٽري HRD، هند سرڪار - ويسٽ بلاڪ - 8، آر. ڪي. پُرم، نئين دهلي - 110066، ڪتاب جو عالمي نمبر : ISBN 978-81-937535-3-8

موهي صاحب جو علم عروض تي شاندار هئنڊ بُڪ ڏسي خوشي ٿي. ان کان وڏيڪ فخر ان تان ٿيو جو راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد - نئين دهليءَ جي ڊئريڪٽر ڊاڪٽر پرتاپ پنجاڻيءَ پاڻ هن ۾ هٿ ڳنڍيو آهي ۽ سمپادڪ طور هي ڪتاب پريشد پاران ڇپائي سنڌي ساهتيہ تي وڏو وڙ ڪيو آهي.

گهڻا سال ٿيا - اُلهاسنگر ۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي گهر، سندس ڪتاب جي مهورت لاءِ گڏ ٿيا هئاسين. ايم. ڪمل - ايشور آنچل - شيام جئسنگهاڻي - لال پشپ - گنو سامتاڻي - ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي هئاسين. اُتي ملاڪڙي ڪانپوءِ شعر شاعريءَ تي بہ چتو بحث ٿيو. ايم. ڪمل جو وارو وڳل هو. پڇاڙيءَ ۾

شريمان ايشور آنچل، ايم. ڪمل تي اهو لازمي اَمر صادر ڪيو تہ ”سنڌي علم عروض تي ننڍي ٿهيءَ جي پلي لاءِ پنهنجي سبر ڄاڻ موجب ڪتاب لکي. جو اُن وقت ڪمل صاحب کان وڌيڪ - ان وشيہ تي ڪو ڪونہ ٿي سُجهيو. ايم. ڪمل چُپ هو. سندس منهن تي ڏنگيندڙ مشڪ نمايان هئي. جنهن مان سندس رد ۽ عمل ٻيئي ظاهر هئا - ۽ پڇاڙيءَ تائين ڪتاب ڪونہ ڇپيو.

واسديو موهي دُبئيءَ مان واپس اَچي سنڌي اَدب کان پري رهڻ واري ڪسر ڪڍي ڇڏي آهي. شاعريءَ کان سواءِ هو مقبول ڪهاڻيڪار بہ آهي. تازو برلا فائونڊيشن وارن سنڌي اَدب ڪري ڪيس ١٥ لک رپين جي انعام سان نوازيو آهي.

هن ڪتاب جي سخت ضرورت پئي محسوس ڪئي ويئي. ڪجهہ ڪتاب ضرور هئا، جيڪي هاڻ بزار ۾ بہ ڪونہ ٿا ملن. اُنهن ۾ ايڏو وستار بہ ڪونہ آهي جيترو موهي صاحب ڏنو آهي. ڊاڪٽر پرتاپ پڇاڙي صحيح لکيو آهي تہ اعليٰ تعليم جي شاگردن ۽ نوَن سيکرات شاعرن لاءِ تمام ڪارائتو ٿيندو.

سڄو ڪتاب ستن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. شاعريءَ جي هر صنف کي مثالن سوڌو کولي سمجهايو ويو آهي. هرڪنهن جا جدا جدا نمونا، قافيو، رديف، ڇند - بند، علم عروض جا اُصول - داؤ پيچ وغيره ڏنل آهن. جي ڪنهن ۾ شاعريءَ جي چڻنگ آهي تہ هي ڪتاب بارود جو ڪم ڪندو ۽ شاعريءَ سان پرجي ويندو. سڄي ڪتاب ۾ هر مثال هند ۽ سنڌ جي اَٽڪل ١٥٠ شاعرن جي شاعريءَ سان سينگاريل آهي، جنهن مان ليکڪ جي وسيع ڄاڻ جي شاهدي ملي ٿي. ننڍن - نوَن ۽ اَڀوڳن - سيني شاعرن جا جوڳيءَ جڳهہ تي مثال ۽ انهن جي پڇ ڳهڙ آهي. ساڳين وشيہ تي اَڀوڳن ڪتابن کي بہ اَپياس هيٺ آندو ويو آهي. پڇاڙيءَ ۾ شاعرن جي ياداشت ۽ اَپياس هيٺ آندل ڪتاب ڏنل آهن.

راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد - دهلي وارن کي جدا جدا شهرن ۾ شاعريءَ جا ورڪشاپ سڏائي هن ڪتاب جو اَپياس سيکارڻ گهرجي جيئن ليکڪ جي محنت سڦلي وڃي ۽ سندن ڇپائڻ جو مقصد برثواب ٿئي. ٣٠٠ صفحن جي ڪتاب ۾ هڪ بہ صفحو ضايع ٿيل ڪونہ آهي.

سنڌي اَدب جي شائقن کي هي ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

## (4) ”ڪِي نوٽ“ (سيمينارن ۾ پيش ڪيل مختصر ليک)

**ليکڪ : واسديو موهي**

ڊيمي سائيز، صفحا 208، قيمت 416 رُپيا، سال 2019، ڇپائيندڙ : ڪرڻ ڪشن - تخليق پبليڪيشن، 20-19 ماڊل پارڪ، سهجپور بوگها، اَحمدآباد - 382345، موبائيل: 8488992222، اِي-ميل: takhleequepbn@gmail.com

مهاڳ بدران واسديو موهي صاحب ’هلڪو ڇُهاءُ‘ ۾ ڪِي نوٽ ڪي هينئن اَڪرن ۾ واضع ڪيو آهي : ”ڪِي نوٽس جو مقصد سيمينار سِمپوزيم جي وشيه کي بلڪل ٿوري ۾، کول سول ڪري اُن بابت هلڪي ڄاڻ ڏيئي سيمينار / سِمپوزيم جي دِشا طئه ڪرڻ هوندو هو / آهي. وستار سان وشيه بابت ڄاڻ لاءِ مقالا موجود هوندا هئا / آهن.“

سچ ته هي ڪِي نوٽس سيمينار جي جان هوندا آهن. پيش ڪرڻ وارو اُن وشيه جو نه فقط ڄاڻو پر اُن سان لاڳاپيل سموري ساهتيه تي کيس دسترس جو هئڻ لازمي اَمر آهي. واسديو موهيءَ ۾ اها سگهه ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي. هن کي تازو بِرلا فائونڊيشن وارن ١٥ لکن وارو انعام عطا ڪيو آهي، جيڪو هن جي اَدبي سگهه جي قدرشناسي آهي. سنڌي اَدب لاءِ فخر جو باعث آهي.

2008/2012 ساهتيه اَڪاديمي جي سنڌي صلاحڪار بورڊ جي ڪنوينر جي حيثيت ۾ هن ڪيترن سيمينارن جا ڪِي نوٽس پيش ڪيا. گهڻن سيمينارن جي آخر ۾ تاثرات پڻ ڏيڻ جو کيس موقعو مليو. تاثرات ۾ پيش ٿيل پيپرن جي گهٽ وڌاين جو خلاصو به ڪرڻ سان گڏوگڏ مقالانويسن جي شڪرگذاري ڪرڻ هن ڪڏهن ڪونه وساري. اهي عالماڻي خاصيتون ۽ هاڻ تازو شروع ڪيل محدود ڏاڙهي کيس فلاسافر وارو ڏيک ڏين ٿيون. ان ڪان به وڌيڪ کيس سنڌي ساهتيه جي نئين ول جي پرگهور لهڻ جي ڏات آهي. انڪري پنتي پوندڙ ساهتيه جڳت ۾ پيارو-نيارو آهي.

جن ساهتڪارن - ساهتيه جي ڄاڻن کي سيمينار ۾ حاضر رهڻ جو موقعو نه مليو، اُنهن لاءِ هيءُ ڪتاب ڇڻ ’هئنڊ بڪ آف ڪِي نوٽس‘ ٿي ڪم ايندو. کين پڇ ڳهڙ جي ضرورت ڪونه پوندي. سيمينار جو

Gul Hayat Institute

تت-ست کين ملي پوندو. باقي پنهنجي ڄاڻ موجب - ڇڊو - ڳهاٽو ڪري هضم ڪري سگهن ٿا.

سنڌي اَدب جي هر شاخ - شاعري - ڪهاڻي - ناول - ٻال ساهتيہ - ميڊيا تي ۽ ڪن عالمن - اَدبي شخصيتن جون جنم شتابديون جهڙوڪ - رام پنجواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، پرسرام ضيا، خليفو گل محمد، پريو وفا وارن سيمينارن جا ڪِي نوٽس هن پيش ڪيا آهن. فرشتائي شخصيت موتي پرڪاش، مالهي - ڪيرت - اُتم جو يوگدان، ٽئگور ۽ سنڌي ساهتيہ وغيره تي سندس نوٽس داد لائق آهن.

ڪتاب جي ظالماڻي قيمت رکي، جي ليکڪ - پبلشر سان ملي پڳت ۾ پنهنجو محنتاڻو وصول ٿو ڪرڻ چاهي تہ کين مباح آهي.




(1) ""اَلا ڏاهي م ٿيان"" (مقالن، مضمونن ۽ ريڊيو وارتائن جو سنگره) - ليکڪا : **ڊاڪٽر پروفيسر آشا منگهارام رنگواڻي**

ڊيمي سائيز، صفحہ 182، قيمت 350 رُپيہ، سال 2019، ڇپائيندڙ : ليکڪا پاڻ - بئرڪ نمبر 73، روم نمبر 9، اُلهاسنگر - 421001، موبائيل : 9921068074.

ليکڪا ڪتاب پنهنجي ماتا ۽ پتا صاحب کي اَرپڻ ڪيو آهي. ڪتاب جو مهاڳ - هند سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار - ناول نويس، مضمون نگار، ايڊيٽر ۽ سنڌالاجيءَ جي اَڳوڻي ڊئريڪٽر شريمان لکمي کلاڻيءَ لکيو آهي. اهڙو عاليشان مهاڳ ڪن ٿورن ڪتابن ۾ پڙهڻ جو موقعو ملندو آهي.

ليکڪا آشا رنگواڻي پنهنجي ڄاڻ جي پونجي ڏيئي ڪتاب جو ملھ وڌايو آهي.

Gul Hayat Institute

# واقفيت - ڏولڻ راهي

- **مورواڻي ڏولڻ راهي**
- 6 جولاءِ 1949 (اَجمير)
- ايم.اي. (سنڌي)، بي.ايڊ.، راشٽريہ ڀاشا رتن.
- فلئٽ نمبر 6، فلورينس اَپارٽمينٽ، پرڳتي نگر، ڪوٽڙا، اَجمير - 305001 (راجستان)
- موبائيل : 09468868812

## شايع ٿيل ڪتاب :

١. نيٽن اوتيو نينهن (١٩٧٩)
٢. عڪس ۽ پڙآڏا (١٩٨٥)
٣. ڏات جون ڏياٽيون (١٩٨٧)
٤. مور پنکي پل (١٩٩٥)
٥. اَنڌيرو روشن ٿئي (٢٠٠٣)
٦. اِستري تنهنجا روپ (٢٠٠٦)
٧. مان آرسي تنهنجي (٢٠١٣)
٨. واڌو مل جي شادي (٢٠١٩)
٩. گوورڌن محبوباڻي پارتي (مونوگراف) (٢٠١٥)

## ترجمو ڪيل ڪتاب :

١. بنڪم چندر چٽرجي (١٩٩٠)
٢. روپ مايا (٢٠٠٢) (هندي)
٣. سُر نارائڻ شيام (٢٠١٣)
٤. منو پاڻي ڪارو پاڻي (٢٠١٥)
٥. منو پاڻي ڪارو پاڻي (ڇاپو ٢) (٢٠١٧)
٦. شيام جي شاعري (٢٠١٦) (هندي)
٧. خاموشي ڪو لکتا هون (٢٠١٩) (هندي)

## سمپادن ڪيل ڪتاب :

١. ڏات ۽ حيات (ڀاڱو-١) (١٩٨٨)
٢. ڏات ۽ حيات (ڀاڱو-٢) (١٩٩٨)
٣. پنهنجي ڳولها ۾ (٢٠١٦)
٤. هن شهر ۾ هڪ شهر هو (٢٠١٨)

## اِنعام :

١. بهترين شاعر (١٩٨٦، ١٩٨٨، ١٩٩٦) راجستان سنڌي اَڪادمي.
٢. نارائڻ شيام اَوارڊ (١٩٩٢) اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا.
٣. بهترين ماستر (١٩٩٣) لائنس ڪلب، اَجمير.
٤. اَنڌيرو روشن ٿئي (٢٠٠٥) مرڪزي ساهتيہ اَڪادمي، دهلي.
٥. منو پاڻي ڪارو پاڻي (ترجمو) (٢٠١٩) مرڪزي ساهتيہ اَڪادمي، دهلي.
٦. آجيون ساهتيہ يوگدان اِنعام (٢٠١٩-٢٠) راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد، دهلي.

Gul Hayat Institute

# رُباعيون

✍ ڊولڻ راهي

(۱)

دنيا مان وڃي ٿو، سو سِنڌيِ آهي
دنيا ۾ اَچي ٿو، سو سنڌيِ ناهي.
سو ڏينهن پوي هوند نہ ڏِسڻو جڳ ۾
سنڌيءَ کان پُڇن ٻار تہ سنڌيِ ڇاهي؟

(۲)

ٻُڏندڙ ٿو رَڙي روئي تہ ساگر ڏوهيِ
ٿابڙجيِ ڇوي هرڪو تہ پٿر ڏوهيِ
نادان بہ پنهنجي نہ مڃي ناداني
ناڪام بہ آکي تہ مُقدر ڏوهيِ!

(۳)

اَنڌي چيو- ’ڏاڙيل پيا مونکي ڏِسجن‘
ٻوڙي چيو- ’گهوڙن جا ٿا آواز اَچن‘
گُونگي چيو- ’مونکي نہ اَڪيلو ڇڏجو‘
ننگي چيو- ’ڦُرجڻ جا ٿا آثار لڳن‘!

(۴)

تو مونکي چيو ’ڇا ڪندين تدبير ڪري؟
جيڪيِ بہ اَٿس ڪرڻو، سو تقدير ڪري‘
تقدير ۾ ئي منهنجي لکيل آ شايد
مِلڻيِ آ سڦلتا مونکي تدبير ڪري!

(۵)

بيمار کي لاچار ڪري بيماريِ
بيحال ۽ بيزار ڪري بيماريِ
بيموٗت ئيِ مارڻ ۾ گهٽائي نہ علاج
مِسڪين کي مُردار ڪري بيِماريِ!

(۶)

پريوار ۾ اَڄ آهہ نياڻيِ آئيِ
مائٽن جي مُهانديِ تي اُداسيِ ڇائيِ
پيڪن ۾ سڏيِ وينديِ ’پَرايو ڌن‘ ۽
ساهُرن ۾ سڏيِ ويندي ’پَرائيِ جائيِ‘!

(۷)

سانوَڻ ۾ بيابان بہ ڇهڪيِ ٿا پوَن
ڪَنڊا بہ بَهارن ۾ تہ مَهڪيِ ٿا پوَن
مَدمَست جوانيءَ تي نہ پَڇرو لوڪو!
سڀ عمر جي هِن دؤر ۾ بَهڪيِ ٿا پوَن!

(۸)

هيِ عمر جو سچ ڪيئن سگهان سمجهائي؟
سِڄ اُڀري اُميد نئين جاڳائي
لهندڙ سِڄُ ڏينهُن روز وڃي چورائي
هي پيِ سچ آهي، هوُ پيِ سچ آهي!

(۹)

ٻُڍڙن کي بس پوُر پَوَنِ ماضيءَ جا
جوانن کي آئيندي جي اونَ سدا
ٻچپن ۾ من مست، خوشي رڳ رڳ ۾
سڀ ٻار وني ڇاڻن ٿا ’اَڄ‘ جا مزا!

(۱۰)

پنهنجي ليکي بيشڪ ڪجهہ پيِ ناهيان
بس سمجهہ ڪٽي ٻُڙيءَ برابر آهيان
پر پنهنجي صلاحيت جو اَحساس اَٿم
جنهن سان ڳڏجان ڪيس ڏهوڻو ٿاهيان.

(۱۱)

مون کان جي پُڇين قسمت محنت ڇاهي
قسمت لِفٽ ۽ محنت ڏاڪڻ آهي
بگڙي ٿي سگهي لفٽ مگر ڏاڪڻ جو
ڏاڪو ڏاڪو اونچائيءَ ڏي ڪاهي!

(۱۲)

ڪامل ٿو ٿيڻ چاهين تہ قابل بڻ تون
قسمت جي پروسي تي نہ ڪاهل بڻ تون
ڪيڏو بہ پڙهيئہ علم ڪتابي ڇا ٿيو
اَڳتي ٿو وڌڻ چاهين تہ عامل بڻ تون.

Gul Hayat Institute

(١٣)

جي ڳُهنج ڏسين تو ٻُڍڙي چهري تي
پيريءَ جون نشانيون ئي فقط ناهن سي
جيوَن جي تجربن جي عبارت آهن
ليڪَن ۾ لِکِلُ اَرٿُ پڙهڻ جاڻين جي.

(١۴)

دنيا ۾ قدر تنهن جو، ضرورت جنهن جي
جيڏي حاجت تيتري قيمت تنهن جي
سورج جو سياري ۾ نہ ستڪار ٿئي
گرمين ۾ نہ آئڙجي سخاوت تنهن جي.

(١۵)

هر چيز ڪشش سونهن سان ڀرپور لڳي
پر تيسين رڳو، جيسين اها دوُر لڳي
جيئن فاصلو گهٽجي تہ ڪشش پڻ گهٽجي
حاصل جي ٿئي حوُر بہ لنگوُر لڳي.

(١٦)

جذبن جي صداقت بہ ضروري آهي
اِظهار جي شدت بہ ضروري آهي
نہ تہ لفظ ڪندا ليڪ ڪي بيعزت
الفاظ جي عزت بہ ضروري آهي.

## پنجڪڙا

(١)

اِستريِ، اوير ڏانهن نِهارِ
اَنڌيرو پويان ڪٽي پَساهہ
تَڪي روشن آئيندو راهہ
اُڏڻ لئہ پنهنجا پَنک پَسارِ.

(٢)

اِستريِ، تنهنجو عظيم شانُ
توانو جسم، ذهين دماغ
عزت جي چادر رک بيداغ
نہ ڇڏجان ساڃهہ، سواڀمان
اِستريِ، تنهنجو عظيم شانُ!

(٣)

اِستريِ، خود کي ڇڏ نہ غلام
ڪَٽي زنجيرون ٿيءُ آزاد
نئين پيڙهيءَ جو تون بُنياد
سُڀاڻو توکي ڪندو سَلام
اِستريِ، خود کي ڇڏ نہ غلام!

(۴)

اِستريِ، پنهنجو پاڻُ سُڃاڻ
ڪَلپنا وانگر مَٿي اُڏام
اُتِي ڪر حاصل اوُچ مُقام
سوچ ۾ ڪا تبديلي آڻ
اِستريِ، پنهنجو پاڻ سُڃاڻ!

(۵)

اِستريِ، مَڃين تہ عرض ڪريانءِ
اَباڻي ٻوليِ ڪين وِسار
ٻَچن ٻارن کي ڀي سيکار
سَچِي سوڀاريِ ماءُ ٿِجانءِ
اِستريِ، مَڃين تہ عرض ڪريانءِ!

(٦)

دعائون شاعر جون تو ساڻُ
مِلئِي ڀَل جڳ ۾ جوڳِي جاءِ
فخر سان مرڪي پاڻ مَلهاءِ
نظر تو اَچي نئون اُهڃاڻ
دعائون شاعر جون تو ساڻُ!

Gul Hayat Institute

## غزل ✍ واسديو موهي

- لفظ توسان تہ سو ڦٻيو ڪونهي
ڳُل جيان جو ڪُلِي ٽِڙيو ڪونهي.
- توڪان پڳُوَن ڳُهران چا، تون واٽيو
ٽُرت چوندين اِهو لِکيو ڪونهي.
- راهون ٽڪجي پيون، اَکيون ساٽيون
آس پڻ جهوڙُ، دَرُ ڇڏيو ڪونهي.
- گَهرُ چا دنيا ٻڌايان نقشو ڏسي
من مطابق اَجا ٺهيو ڪونهي.
- مان خلاصي رهيس سچو جيون
سمنڊ تي گَهرُ ڪڏهن وسيو ڪونهي.
- لُڙڪ جي قيد ۾ رکان توکي
فوٽو اَهڙو تہ ڪنهن ڪڍيو ڪونهي.
- چو اَجا پيو غزل لکين موهي
هاڻ حاسد هِتي رهيو ڪونهي.

ﷻ

## غزل ✍ گوپ ڪمل

- هر راند ۾ هو مونکان نڳيءَ سان کٽي وڃي
ڏوراپا پو بہ روز اَچي ٿو ڏئي وڃي.
- دِل جو نگر سُڃو سُڃو هڪ ماٺ آهي گَڏ
پُڻ پُڻ جو ٿورو ساٿ ملي، جشن ٿي وڃي.
- جنهن تنهن کي پيو سُڻائي هو قصا نوان نوان
هڪ اَڌ کهاڻي منهنجي اَکين تي لکي وڃي.
- سچ پچ تہ ڪابہ چاڻ نہ ٿس پيو ڏُکا هٽي
ڪنهن هڪڙي تير جو ئي نِشانو لڳي وڃي.
- منهنجي تہ شرط وقت سان، فُرصت ڪِٿان ملي
ڪوئي لِڦن مٿان اَچي مرحم هٽي وڃي.
- هڪ هڪ ڪري هو ننڊ جا ٽڪرا جمع ڪري
شايد هنن منجهان نئون سُپنو جُڙي وڃي.
- هي اِنتظار نيٺ ڪڏهن پورو ٿيندو دوست
ڪوڙو ئي ڪو دِلاسو، ترِيءَ تي رکي وڃي.
- چو ايترو اُداس رهي ٿو هينئر ڪمل
خود کي نڳڻ جو فن اَچي مون کان سِکي وڃي.

ﷻ

## سماجھ ✍ هرِيش ڪرمچندائي

هُن جي دنيا وڏي هئي
هُن جي دل بہ اوتري ئي وڏي هئي
هُن جي دنيا ۾ سيئي پنهنجا هئا
ڪوبہ غير نہ هو
هُن جي دل ۾ سيني لاءِ جڳهہ هئي
سمايل هو اَٿاه ۽ اَڪٿ پيار
هرڪنهن لاءِ
پر اَفسوس صد اَفسوس
دنيا ڇڏو
پنهنجن بہ
نہ ڪيو هُن جو قدر
بيشڪ هوُ دلگير رهيو ڪجھ ڏينهن
اَنداز مگر
اَصل نہ مٽائي سگهيو پنهنجو
ساڳيو ئي رهيو
سچي دنيا کي پنهنجي سمجهڻ وارو
پر هو تہ ٿي ويا محروم هميشهہ لاءِ
روح جي سونهن کان.

ﷻ

Gul Hayat Institute

# غزل

✍ ناري لڇواڻي

دل ۾ ٿم طوفان سوين
ڏاهيا ٿِن ته جهان سوين.

١- جاءِ نه جوڙي ڪنهن جيءَ ۾
توڙي پاتم ماڻ سوين.

٢- هوُ ته نه آيو اَڄ تائين
اَڻ-چاهيا مهمان سوين.

٣- هڪ هو، شايد ويامي پيو!
هاڻي ٿيا پيچوان سوين.

٤- ٻوُساٽي، پاڻ هٿن سان
دفن ڪيا اَرمان سوين.

٥- ٿاهڻ لاءِ نه ڏِسجي ڪو
ڍاهڻ لاءِ اَڳوان سوين.

٦- لڳل لڙايون 'تون-مان' جون
ماري وِڌن مهان سوين.

٧- ڪِرشن جو يُگ اُبتڙ اَڄ
گوپِي هِڪَ ۽ ڪانَ سوين.

٨- پنهنجا پنهنجا هرڪنهن جا
رامايڻ قُرانَ سوين.

# غزل

✍ پيچوان نردوش

- ڳالهه ڦيري پلا ڇئو چو ٿا؟
اِئين ڪندي پِي، اَوهين وٺو چو ٿا؟

- مُرڪ سان سونهن سرس ٿيندي آ،
شوخ چهرو، اَوهين ڪريو چو ٿا؟

- هبڪي هبڪي اَوهان ٿا ڳالهايو
سچ چوندي اِئين ڊجو چو ٿا؟

- دل اَندر درد جا ولوڙا، پر
ظاهر چپ اَوهان رهو چو ٿا؟

- قرب جي ڪات ۾ مزو ڏاڍو
هڪ دفعو ئي اَوهان کُهو چو ٿا؟

- موڊ بگڙي ويو فضائن جو،
منهن بگاڙي، اَوهان ڏسو چو ٿا؟

- ڳالهه نردوش! آهه دل ۾ ڪا
دل ۾ غصو رکي هلو چو ٿا؟

## توڪي ساري سِنڌڙي!

✍ ايس. جي. پاڳيا

ڪنور موتي آ، توڪي ساري سِنڌڙي!
قلب تان ڪدورت جي ڪت اَچي ڪا لاهه
توڪي ساري سِنڌڙي!
سُڏڪا سُڏڪا سُرميان، ڪين اَچي پرچاءِ
توڪي ساري سِنڌڙي!
شاه سچل سامي جا گيت اَچي ڪي ڳاءِ
توڪي ساري سِنڌڙي!
'پاڳيا' جي پوُنءِ تي اَمرت رس برساءِ
توڪي ساري سِنڌڙي!



Gul Hayat Institute

# تاريخ جو الميو

✍ پريم پتافي

موهن دڙي جي ناچڻي
سمبارا جي پيرن ۾
ڇيرن بجاءِ زنجير پيل آهي
ڪو بہ سرمد
نتي جي ڳلين ۾
ايپچند جي نالي جو
ورد نٿو ڪري
جهوڪ جو فلسفو
’جو ڪيڙي سو ڪائي‘
دفن ٿي چڪو آهي
مدن ڀڳت
ڀتائيءَ کي ڳولهي رهيو آهي
نماڻو فقير
سچل جو بيت
’مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو مُنجهايا‘
پڙهڻ لاءِ سِڪي رهيو آهي
ڪرم چند جو روح
بيدل لئہ بيچين آهي
مسلم مائرن جون جهوليون
ڪنور ڀڳت جي لوليءَ
ٻڌڻ لئہ بيتاب آهن
گيڙو رنگ
سائي، اَڇي ۽ ڪاري رنگ ۾
گُم ٿي ويو آهي.

ꕥꕥ

# آزادي

✍ بخشڻ مهراڻوي

آدم ذات ڪرونا ۾ قيد آهي
وڻ ٽڻ، جانور، پکي آزاد آهن
آسمان، سج، چنڊ، تارا، هوائون
آزاد آهن.
رستا، جهنگ، جبل آزاد آهن.
درياهہ، سمنڊ، آبي جيوت آزاد آهن.
جنگي جنونيت، انتها پسندي،
نسل پرستي قيد آهن.
مسجدون، قبا، ڪليسا ۽
ڀڳوان سارا قيد آهن.

ꕥꕥ

# غزل

✍ شهمير سُمرو

موت جي جاءِ تي پڳو آهيان،
توکان محبوب جو ڇڳو آهيان.

هٿ ڇڏائي هليو وئين سپرين،
مان تہ پِٽ سان وڃي لڳو آهيان.

درد نڇيو سڄي حياتيءَ ۾،
ٿي ڇڙو پير ۾ وڳو آهيان.

تون تہ چِت تي لٿا وجهڻ آئينءَ،
آنءُ اُس تي پئي ڀڳو آهيان.

ꕥꕥ



Gul Hayat Institute

## غزل ✍ جاويد شبير جاگهراڻي

تنهنجي پاڪر جي غزل جيان، اُجري اُجري شاعري
ٿوري موسيقي، اَکين جي، گهري گهري شاعري.

خواهشن جا بُت هئا ۽ آدميءَ جو نِرڙ هو
دؤر ساري پئي ٻُڌائي، ساڳي ساڳي شاعري.

هن اذيت منجهہ کهڙي نيت لذت آ رکيل؟
چو ڪَري ٿو نيت ڪوئي، تڙپي تڙپي شاعري.

پنهنجي اَفساني کان اَڳتي، سارا قِصا ها تمام،
پنهنجي پنهنجي دائري هئي، پنهنجي پنهنجي شاعري.

روز ئي هلڻو پوي ٿو، لُولي لنگڙي شهر ۾،
روز ئي ٻُڌڻي پوي ٿي، گونگي ٻوڙي شاعري.

❦

## غزل ✍ محمود اياز

مؤت جي ٿي رهي زندگي خوف ۾،
ٿو جيئي آدمي آدمي خوف ۾.

وار ڇوڙي ڇڏيا دلربا ها تڏهن
رات نڪري نہ پئي چاندني خوف ۾.

حالتئن کان ڊجي چاهتن کي ڇڏي
شخص هڪڙي ڪئي خودڪشي خوف ۾.

يار شاعر کي ڪافر چئي دين ٿو،
مون لکي آ لکي شاعري خوف ۾.

عشق جا راز ها سڀ لکيل اُن ۾
مون جا ڦاڙي هئي دائري خوف ۾.

❦

## غزل ✍ سعيد حاوي

ڏسن ٿا نيڻ ڪي پيرا، ڪلا جي ڪنت مالا مان!
ڏئي ويا پاڳ ڪي ڦيرا، ڪلا جي ڪنت مالا مان!

ڪڪائون آ اَجهو منهنجو هوا جا رخ سيئي موڙيو،
ڪڇيا هن تيز هي پيرا، ڪلا جي ڪنت مالا مان!

وجهي ڪو ٽيڏ نيڻن ۾، تڪن تارا پيا ڏرتي،
ڪري اُپ نيڻ پاسيرا، ڪلا جي ڪنت مالا مان!

اَسان لئہ گند جهڙا هي ڪيا اَحساس تو اجرا،
گهٽا اَڳ جي رهيا ميرا، ڪلا جي ڪنت مالا مان!

ڪيرائي ڪير ڪَڻِ ڪَڻِ جا، هوائن ۾ اَڏيا جيڪي،
رکيا ها جهڙ تي آکيرا، ڪلا جي ڪنت مالا مان!

اُڏيو چا نورُ نيڻن مان، ٿپي اُپ ڪان ويو اَڳتي،
پلارن تي ڏنا ديرا، ڪلا جي ڪنت مالا مان!؟

❦

Gul Hayat Institute

# توهان جا خط ...

4 مارچ، 2020 - هانگ ڪانگ.

مانوارا پيارا نند، سِڪ ڀريا سوين سلام!

ڪونج جو جنوري-فيبروري پرچو ڪالهه پهتو. ڪونج ڊائمنڊ جبلي 2019 اَنڪ جي سکر-ساڌٻيلا جي اَڱڻ ۾ شاندار شهاڻي ۽ ڀيڪيدار مهورت جا فوٽا ڪَوَر تي ڏِسِي دل باغ بهار ٿِي ويئِي. سدا حيات هري موٽواڻيءَ جي سپني ساڪار ڪرڻ ۾ توهانجو وڏو يوگدان رهيو آهي، جنهن لاءِ مٽين مبارڪون.

ڪونج پرچي ۾ توهانجي سنڌ جو سٺائو سفر پڙهيو. مون کي بہ پنهنجي سنڌ ياترا 11th April - 16th April 2001 جو سفر اَکين آڏو تري آيو آهي.

هن سفر ۾ منهنجا ساٿي هئا ڪشن نوتنداس (ممبئي)، اَشوڪ اوڊراڻي ۽ سريش گلاڻي (دُبئي). اَسان سنڌ جي ڪجهہ شهرن - ڳوٺن ۽ قديمي آستانن جو سفر ڪيوسين پر ها، اَڄ هتي صرف 240 سال اَڳ جي اسٿاپن ڪيل سنڌ جي مشهور ساڌٻيلي جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس.

اَسان 13th April 2001 جو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ساڌٻيلو ڏسڻ وياسين. اَسان جو سواگت ڪيو ديوان چند چاولا جنهن جي رهبريءَ هيٺ 40 لکن جي لاڳت سان آستان کي Renovate (نئين تازگي) ڪري سُهڻو ۽ سُنو بڻايو ويو آهي.

ديوان چند سان 55 ٻيا بہ هن جا ساٿي آهن، جي هن آستان کي سنڀالي رهيا آهن. هن وقت گديءَ تي ڪوبہ سنت يا سوامي براجمان ناهي.

ڪين پنهنجي هڪ وڏي لئبرري بہ آهي، جنهن ۾ اَٽڪل 20,000 ڪتابن جو ذخيرو آهي.

شاباس آهي اُهڙن جوانن کي جن ڪافي ڪنناين هوندي بہ ساڌٻيلي جو شان ۽ مان قائم رکي ويٺا آهن.

ها، هِتي ٻيو ذڪر ڪرڻ چاهيندس ڪونج پرچي ۾ قاضي خادم جو لکيل فلمي سفر (Page 7 to 37) - تمام گهڻي محنت سان پُراڻن ۽ نوَن ڪلاڪارن ۽ فلمن جي وچوڙ جو هي هڪ بيجوڙ مثال آهي. هندي فلمن سان شوق رکندڙن لاءِ هي Article سانڍڻ لائق آهي.

ڪونج جي ذريعي مان قاضي خادم کي ڪروڙين قرب ۽ مٽين مبارڪون پيش ڪريان ٿو.

شال سدائين خوش هجو، آباد هجو ۽ سنڌيت جي جوت جڳائيندا رهو.

نيازن مان،

**لال هرداساڻي.**

*****

# ڪونج جو ڊائمنڊ جبلي پرچو

ڪونج جو ڊائمنڊ جبلي پرچو رجسٽر پوسٽ ذريعي مليم. اَڄ کان سٺ سال اڳ ۾ هري موٽواڻي ڪونج جي شروعات ڪئي هئي. هري صرف چار درجا پڙهيل هو، هن جي دل ۾ ساهتيڪارن لاءِ عزت هئي. هري ساهتيڪارن جي صحبت ۾ رنگجي ويو. هريءَ چاهيو ٿي تہ سنڌيءَ ۾ هڪ اَهڙي اَدبي مخزن هجي جنهن جي علحدي سُڃاڻپ هجي. هريءَ جي اها بہ خواهش هئي تہ اُها مخزن هند ۽ سنڌ جي ساهتيڪارن جي وچ ۾ پُل جو ڪاريہ ڪري.

هريءَ ڏکوئيندڙ حالتن ۾ ڪونج جي شروعات ڪئي. هن هند ۽ سنڌ جي ساهتيڪارن جون رچنائون ڪونج ۾ ڇپڻ شروع ڪيون. انهيءَ سلسلي ۾ هو سنڌ پڻ ايندو ويندو هو. ڪونج جي گونج سنڌ ۾ بہ پهتي. هريءَ کي ساهتيہ اَڪادمي اَوارڊ پڻ حاصل ٿيو هو.

هريءَ جي ديهانت بعد نند ڇڳاڻيءَ ڪونج جي جوابداري سنڀالي. نند پڙهيل لکيل ذهين آهي. هو سرڪاري بئنڪ مان مئنيجر جي عهدي تان رٽاير ٿيو آهي. هريءَ جي سنگ ۾ نند بہ ساهتيہ طرف ڇڪجي آيو.

هن ڪونج کي جاري رکڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ۽ ڪونج کي ديش وديش ۾ پهچايو آهي.

ڪونج جي ڊائمنڊ جبلي پرچي ۾ ٥٠٠ صفحا آهن. قيمت آهي پنج سوءِ روپيہ. ڪونج جو هي پرچو ميءِ کان ڊسمبر ٢٠١٩ تائين آهي.

هن پرچي ۾ هند جي اَنيڪ ساهتيڪارن جون رچنائون آهن جن مان ڪي هن ريت آهن :

موهن ڪلپنا، ديال آشا، ڄينو لالواڻي، هوندراج بلواڻي، جيا جادواڻي، ڪلاڌر مُتوا، واسديو موهي، اَروڻ ٻاٻاڻي، وڪرم شهاڻي، ستيش روهڙا، لکمي ڪلاڻي وغيره. سنڌ جي ساهتيڪارن پاڻ موڪيو آهي. جن مان ڪي آهن : شوڪت شورو، اياز گل، موهن مدهوش، رڪيل مورائي، ڪليم ٻٽ، ممتاز مهر، قاضي خادم، امداد حسين. ڪونج ڊائمنڊ جبلي جي نزاڪت ڏسندي هند ۽ سنڌ جي ڪن ليکڪن ڪونج هري موٽواڻي ۽ نند ڇڳاڻيءَ تي ليک لکيا آهن، اُهي پڙهڻ جهڙا آهن. ڪونج جي شاعراڻي محفل ۾ نارائڻ شيام، پروڀو وفا، سدارنگاڻي خادم، اَرجن شاد، پريم پرڪاس، آنند کيماڻي، ياٻچل ياٻل، ناري لڇواڻي ۽ ٻيا آهن. هن خاص اَنڪ ۾ ٢٥ کان وڌيڪ آرٽ پيپر تي رنگين فوٽا ڇپيل آهن. جيڪي مخزن جي سونهن وڌائن ٿا. هن پرچي ۾ اَٽڪل بہ سوءِ ساهتيڪارن، ساهتيہ پريمين سنڌيت جي شيدائين جا فوٽا ڇپي نند

Gul Hayat Institute

سيني کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان سمجهان ٿو تہ نند جي اها چاهنا هوندي تہ ان بهاني ساهتيڪارن کي ڪونج جي ويجهو آڻجي. اڳتي هلي هنن کي ڪونج جو سهايڪ بڻائجي.

هن خاص پرچي جي ڇپائيءَ جو خرچ گهڻو آيو هوندو؟ هڪ اَنومان موجب لک سوا لک خرچ تہ واهہ جو ٿيو هوندو.

هن اَنڪ جو مواد ڪافي سوجهہ ٻوجهہ سان چونڊيل ٿو لڳي. ناميارن ساهتيڪارن سان گڏ نوَن ليکڪن کي موقعي ڏيڻ ۾ آيو آهي. هي ييڪيدار شاهڪار اَنڪ ڇپائي پاڻڪن تائين پهچائڻ لاءِ نند چار پنج مهنا واهہ جو محنت ڪئي هوندي. آخر ۾ يوڳ پائيندي مان اِئين لکندس تہ اَهڙو شاندار اَنڪ ڏيڻ لاءِ نند لک لک نہ بلڪ ڪروڙ ڪروڙ واڌايون لهڻيون. ڪونج اَڄان بہ مٿيري اُڏام ڀري، دور دراز ملڪن تائين پهچي اَهڙي شڀ ڪامنائن سان. هي خاص پرچو پڙهڻ پڙهائڻ سانڍڻ جهڙو آهي.

**- شيام سچاننداڻي.**

('سپون'، آڪٽوبر-نومبر-ڊسمبر-٢٠١٩)

*****

5 مارچ، 2020

پريہ نند ڇڳاڻي صاحب،

مان اَوهان صاحبن جي ڪونج مخزن وڏي چاهہ سان پڙهندو آهيان ۽ جيڪي اَوهان چونڊ ڪري ليک ڇپيندا آهيو، اُهي تمام سٺي معيار وارا هوندا آهن. منهنجي چوڻ جو مطلب اَوهان جا ڇپيل ليک هلڪا فلڪا نہ هوندا آهن.

مخزن جو معيار تمام سٺو آهي. اَوهان صاحبن جي سنڌي ڀاشا نہ صرف تمام سٺي آهي پر پڪي ۽ پختي آهي. اَوهان صاحبن جي ڀاشا تي پوري پڪڙ آهي.

اَوهان جهڙي نموني ساهتيہ جي سيوا ڪندا رهيو ٿا، اُن لاءِ اَوهان صاحب کيرون لهڻيون.

اَوهان صاحبن جو دوست،

**سريچند گرناڻي.**

*****

Gul Hayat Institute

ڳوري ڳانڌي (ممبئي)
٢٢ فيبروري ٢٠٢٠
متر مهربان،
’ڪونج‘ جو جنوري-فيبروري وارو اَنڪ پڙهڻ جو شرف عطا ٿيو. اِهو پرچو، مون کي ڳُروار ڏينهن تي پراپت ٿيو. ٽپال پهچڻ ۾ پورا ٻه هفتا لڳي ويا آهن! هن ۾ صرف هڪ اِشتهار ڇپيو آهي، جو منهنجو آهي. اِشتهار مخزن جي جانِ آهن. خاص توجهه ڏيو ته بهتر. قاضي خادم جو ليک، ايڪتيهه (٣١) صفحن جو آهي. مٿان وري اَدي جيا جادواڻيءَ جو مقالو، نوَن (٩) صفحن جو آهي. هڪ ئي پرچي ۾ ٻه وڏا ليک نه وجهڻ گهرجن. جدا جدا اَنڪن ۾ ڇپڻ ڪپن. ضرورت ٿئي ته ٻن قسطن ۾ ڇپائڻ ڪپن. ٻيءَ حالت ۾ ٿڪاوت ٿي ٿئي. ڇپڻ جي کهڙي تڪڙ؟

## - ڪرشڻ ڇيٺانند هيمراجاڻي

*****

اَجمير،
٢٤ فيبروري ٢٠٢٠
پيارا نند، سدا خوش باش هجين، دعاگوءِ!
ڪونج جو جنوري-فيبروري اَنڪ پهتو. مايا راهيءَ جي ڪهاڻي ”هوءَ مهڪي پيئي“ سنين ڪهاڻين مان هڪ آهي. مايا جي کهڙي ڳالهه ڪجي، مايا ته مايا ئي آهي.
ڪونج جي ڊائمنڊ جبلي اَنڪ لاءِ مونکي خط لکڻو هو وسِتار سان. وقت اِئين گذرندو ويو جو ڪونج جو تازو اَنڪ اَچي پهتو. اُن ۾ جبلي اَنڪ بابت سڀ خط پڙهيم. مون جبلي اَنڪ سڄو ئي پڙهيو هو. سوا پنج سؤ پيج معنيٰ ٿا رکن. اُن ۾ ڇا ته تنهنجو پورهيو، جفاڪشي، اَرمان، اَتسنا ۽ سدا حيات هري موٽواڻي ۽ تنهنجو پريم، صدق ۽ آستا پڌري پٽ پسجي ٿي. جبلي اَنڪ جي ڪَوَر تي هري موٽواڻيءَ جو فوٽو اِئين ٿو سونهين جيئن نگيني ۾ ٻي بها موتيءَ جي جڙت. ڏسندي ئي دل ٻَڳ ٿي هئي. آفرين اَدا، توکي آفرين! سچ ته سڳوري سنڌ جي تيرٿ آستان ساڌٻيلي ۾ جبلي اَنڪ جي مهورت سمي هريءَ گلابي (گلاب جون) پنکڙيون وسايون هونديون. سنڌو نديءَ جي لهرن ڇوح مان ساڌٻيلي جي ديوان کي ڀاڪر پائي چميو هوندو. هري ته پنهنجي وطن سنڌ کي سمرپت هو. سنڌ جي ڪڻ-ڪڻ ۾ سندس آتما اَڄ ٻه

وسي ٿي. تو ڪونج کي نِسوارت ٿي جنهن مقام تي پهچايو آهي، جس جو ڀاڳي آهين. سنڌ جا اَديب دوست بہ اِن مبارڪ موقعي تي پڌاريا هئا، گويا کير ۾ مِصريءَ جي ٽڙ.

اَدا، جبلي اَنڪ ڪنهن ساهتيہ پريمي دوست کي پڙهڻ لاءِ ڏنو اَٿم ۽ هن وقت اَجمير کان ٻاهر آهي، نہ تہ نوٽ ڪيل ڪهاڻين ۽ ٻئي مواد جو مختصر ۾ ضرور لکان ها.

واسديو موهيءَ ۽ شوڪت حسين شوري جون ڪهاڻيون واه واه. اِهي نالا ياد اَٿم ورنہ سڄو مواد ئي بهترين ۽ معنيٰ خيز آهي. توکي ڍير ساريون مبارڪون. ڪونج وڌيڪ ۽ وڌيڪ اونچايون ڇُهي، دعاگوُ!

قربن مان،

**هري همٿاڻي.**

*****

8 فيبروري، 2020

اَجمير.

مانوارا ڀاءُ شري نند ڇڳاڻي، نمستي!

شال شاد رهو، آباد رهو! تازا توانا رهندا اَچو.

’ڪونج‘ جو ڏائمنڊ جبلي اَنڪ 2019-1960 پهتل آهي. پستڪ نہ پر هڪ گرنٿ آهي، جنهن جي پڙهڻ سان ڪافي معلوميت حاصل ٿي.

سڀ کان اَوَل ’ڪونج‘ جا سڦل 60 سال پورا ٿيڻ تي ڀاءُ نند ڇڳاڻيءَ کي بيشمار دلي واڌايون، جنهن پنهنجي لگن، اُتساه، محنت ۽ دل وَ جان سان سرڳواسي مانئيہ هري موٽواڻي جي سڄايل ٻوٽي کي سرسبز قائم رکندو آيو آهي. جو اَڄ گولڊن جبليءَ بعد ڏائمنڊ جبلي اَنڪ پرڪاشت ڪري سنڌي ساهتيہ جي اِتهاس ۾ روشن شاندار مثال قائم ڪيو آهي ۽ ڀاءُ هري موٽواڻيءَ جو نالو قائم دائم رکي زنده دليءَ جو ثبوت پيش ڪيو آهي.

رسالي ۾ شروعاتي ’آخرين رات‘ ۽ ’ويل وقت جون ڳريل تندون‘ ڪهاڻيون نهايت گهڻيون پسند آيون. ’ناريل‘ ۽ ’ٻي شادي‘ ڪهاڻيون بہ وچتر وٽندڙ لڳيون. ’ڪونج اُڏامندي رهي‘ ليک ۾ سرڳواسي هري



Gul Hayat Institute

موٽواڻي ۽ معزز ساٿين بابت ڏنل اَحوال دل کي ڇهندڙ محسوس ٿيو.
سنڌي هستين جا فوٽو جيڪي وديش ۾ رهندي بہ پنهنجي هستي مستي سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت کي قائم رکي ويٺا آهن، ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ لاجواب مثال آهي. گڏوگڏ وديش ۾ رهندڙ سنڌي ڀائر، اُلهاسنگر کي ’سنڌونگر‘ ڪري سڏڻ جا دلي خواهشمند آهن، جا ڳالهہ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ پريرڻادائڪ آهي.
’ڪونج‘ سنڌ جي مسلمان ڀائرن کي گهڻي پسند آهي، جو هرهڪ ڀاءُ پنهنجي ليک ۾ ’ڪونج‘ کي ڪافي ساراهيو آهي ۽ ڀاءُ هري موٽواڻي جي سنڌ ياترا جي بيان ۾ ساراھ جا ڍڪ ڀريا آهن.
ڀارت ۾ ’گانڌيڌام - نئين سنڌ‘ کي اَڏيندڙ ڀاءُ شري ڀريداس تولاڻي سان سنڌ ۾ ٿيل عقوبتون دل کي ڇهندڙ محسوس ٿيون. گانڌيڌام کي اَڏڻ ۾ تعليم ڪيتر ۾ سنڌس يوگدان - شيوائون ساراھ جوڳيون مثال پيش ڪندڙ آهن.
’ڪلومل بلومل‘ ليک ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري جي اوٽ ۾ سرڪار طرفان ٺاهيل سنڌي اَڪادمين جا عهديدار ڪيئن بہ پنهنجو خود جو واڌارو ڪرڻ ۽ موج مستيءَ ڀريا شغل ڪري سرڪاري مدد جو ڊُراُپيوگ ڪري رهيا آهن، هڪ صحيح چٽر پيش ڪيو ويو آهي.
’اَسانجو ثقافتي ورثو‘ سنڌي تهذيب سياءَ بابت روشني وجهندڙ بہ وڻيو.
’جئڪي منهنجو اولڙو‘ ڪتي جي ڪهاڻي وڻندڙ ۽ دلچسپ لڳي. ’نرس‘ واقعي بهتر ليک لڳو، جنهن ۾ مريض کي اُتساهت ڪرڻ جو شاندار طريقو ٻڌايو ويو آهي، جنهن سان صحتياب ٿيڻ ۾ آساني رهي ٿي.
’هريءَ ڦٽائي نند ... نند مان جاڳايو نند‘‘ ليک مان ڀاءُ هري موٽواڻي جي اَصليت جي بخوبي ڄاڻ ملي ٿي. ڪيتري نہ فخر ۽ ساراھ جي ڳالهہ آهي جو هري موٽواڻيءَ جي مشعال کي ڀاءُ نند ڇڳاڻي برابر قائم دائم روشن ڪري رکيو آهي.
’ڪونج‘ کي سينگاريندڙ سيني ساٿين کي دلي مبارڪون!
شڀ ڪامنائن سان،
**ايسر سنگهہ بيدي.**

*****



Gul Hayat Institute

اَحمدآباد

آدرڻيہ دادا نندلال چڱاڻي، نمستي!

ڪونج جو جنوري-فيبروريءَ جو پرچو مليو. معلوم ٿيو تہ توهان سنڌ مان ٿي آيا آهيو. توهانجو سٺائو سفر پڙهي ڏاڍو سٺو لڳو، جو من ۾ تہ اِڇا مون کي بہ گهڻي وقت کان آهي پر هن ڏارمڪ سفر سان گڏ اَباڻو ڳوٺ دادوءَ جو سَنُ ڳوٺ ۽ ڪراچي پڻ ڏسڻو آهي، اهو سُجهي ڪونہ ٿو تہ ڪيئن ڪجي.

هن اَنڪ ۾ ڀيڻ جيا جادواڻيءَ جو لکيل ’اِستري ومرش‘ ۾ اَڄ کان ٢٥-٣٠ سال پهريون جي ماحول جو بيان ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ١٠٠ سيڪڙو تہ اَجان ڪونہ سُڌريو آهي پر گهڻو بدلاءُ آيو آهي. اِستري اَڳ جي اَبلا نہ رهي آهي. ڀارت جي پراچين وقت جي سُلجهيل ۽ سواڀماني ناريءَ جي رستي تي اَچي رهي آهي. ”يتر نارِيسُت پوُجينتي رمنته تتر ديوتا“ جتي اِستريءَ جي پوڄا ٿئي ٿي اُتي ديوتائن جو واس ٿئي ٿو. ان راه تي ديش وڌي رهيو آهي.

گهر پريوار ۾ پڻ اِستري اَبلا نہ پر مالڪڻ بڻجڻ تي رستي پهچي رهي آهي. هر ڪم ۾ نہ فقط شهر پر ڳوٺن ۾ پڻ پنهنجو سِرُ اوُچو ڪري هلڻ لڳي آهي. سندس رايي يا اِڇا کي مانُ مِلي رهيو آهي.

ها، اَجان اِستريءَ کي گهرن ۾ مارڻ يا باه ڏيئي ساڙڻ جا واقعا ٿيندا رهندا آهن پر ان ۾ سچو ڏوه اِستري ذات جو ئي آهي. نہ تہ ڪنهن پُرش جي ڀيءُ کي بہ همت ڪونہ آهي جو اِستريءَ تي هٿ کڻي. ان غلط ڪم لاءِ تيار ڪرڻ واري اِستري يعني پرش جي ماءُ، ڀيڻ، ڀاڄائي، پاڙيواري يا ساهيڙي ضرور هوندي جنهن ان پرش کي پڙڪائي لاچار بڻائي تيار ڪيو هوندو. اِستري ئي اِستريءَ جي دشمن آهي.

نئين شادي ڪري آيل نونهن جي سڀاءَ کي ڌيان ۾ رکي ئي سس-سهري کي هلڻو پوندو آهي. طلاق لاءِ ڇوڪرن کان وڌيڪ ڇوڪريون ۽ سندن مائر پهرين تيار هونديون آهن.

آدي ڪال کان اَسانجي سنسڪرتيءَ اَنوسار اِسترين جو سنمان ٿي رهيو آهي، وچ ۾ وڏو ڪال ڪنڌ اِسترين لاءِ گرهڻ سمان ضرور رهيو.

Gul Hayat Institute

پيڻ جيا جادواڻيءَ آخر ۾ چيو آهي تہ اِستريءَ جي مُڪتي سچي سماج جي مڪتي آهي، چو جو مڪتي ڪڏهن بہ اَڪيلي جي نہ هوندي آهي، سؤ سيڪڙو سچ آهي.

**- گؤتم سمراٽ**

*****

اَجمير

نند سائين!

تنهنجي ساهس ڀرئي اَدبي شعور ۽ واسطيداريءَ لاءِ سلام. تو مارچ-اَپريل وارو پرچو تنقيد جهڙي بيحد گنڀير ۽ خشڪ وشيہ لاءِ صرف ڪيو آهي ۽ تنهن ۾ بہ سنڌ جي سڄاڻ ۽ معلم سچڻ جامي چانڊيي، ڊاڪٽر فهميده حسين، پروفيسر غفور ميمڻ جون نهايت ديرينيون تحريرون شامل ڪري نہ رڳو سنڌي تنقيد سان وڏ ڪيو آهي پر ساهت ڏانهن گنڀير شاگردن لاءِ هڪ بي-بها تحفو مُهيا ڪرايو آهي. سمورو مواد پڙهي اَسانجي ذات ڏٿين لاءِ عقيدت ڀرئي فخر جو اَحساس ٿيو. ايشور مورجاڻيءَ جي 'جهڪريون' بہ سنتوش ڏنو.

شل ڪونج جون ڪڏڪارون ۽ پرواز بلند رهي.

**- ڊولڻ راهي.**

*****

Respected Nand,

Hats off to you for the editorial of the quarterly magazine KOONJ that is regularly giving the readers the updated news and unique articles.

This is a unique issue with the all over dimensional coverage of the Dias of literacy pertaining to Hind and SINDH.

RES late dada Hari Motwani was a real bridge between the two boundaries and I really appreciate and salute you for maintaining the same Quality status.

With best wishes,

**Devi Nangrani**

*****



Gul Hayat Institute

